


ليبر پارٽي سنڌ مارڪسزم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
6
جولائي اگسٽ 2012
نون صوبن وارو مامرو ۽ نسل پرستي جو اڀار
يونان ۽ فرانس جي چونڊن جو تنقيدي جائزو
سرمائيداريءَ جي اوسر
انگولا جو سوشلسٽ انقلاب

ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ

به ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(6 ڪڙي) جولاءِ / آگسٽ 2012ع

ايڊيٽر

بخشل ٿلهو

ايڊيٽوريل بورڊ

مشتاق علي شان، اديب رتڙ

شفقت قادري، يونس راهو

پرويز سولنگي، فيض ڪيريو

عنايت خاصخيلي

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ

انور حسين سومرو

قيمت: **40/=**

لکپڙهه لاءِ ايڊريس

گهر نمبر **C-337** نزد بحريه

فائونڊيشن ڪاليج

گلستانِ سجاد حيدرآباد.

Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

قومي قيادتن جي شهادت ۽ اڄ جو اهم چيلنج

7 اپريل تي سنڌ جي سڀ کان وڏي قوميرست پارٽي جسقم جو چيئرمين بشير خان قريشي جي اوچتي وچوڙي جي خبر رات وچ ۾ ڦهلجي وئي ۽ بي يقيني جي ماحول ۾ اضافو ڪندي وئي. شروعات ۾ ته اليڪٽرانڪ ميڊيا موت جو ڪارڻ دل جو دورو ٿي ٻڌايو پر پارٽي قيادت انهيءَ کي زهر ڏئي قتل ڪرڻ قرار ڏنو. پارٽي قيادت جا خدشا تڏهن عوامي قبوليت ماڻڻ لڳا جڏهن پي پي حڪومت ۽ رياست سندس وارثن ۽ سياسي ساٿين کي هڪ شفاف ۽ وقتائتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ڏيڻ ۾ ناڪام وئي. رياست تي آڱر کڻڻ جا ڪارڻ ٻيا به آهن. 24 جولاءِ 2009ع تي ڪراچي اندر بشير قريشي مٿان پهرين به ٿيل هڪ حملي کي ناڪام بڻايو ويو هو جنهن ۾ جسقم علاقائي اڳواڻ مشتاق خاصخيلي شهيد ٿي ويو هو. هڪ حملي اور فرار ته ٻيو مارجي ويو هو. انهن جي کيسي مان ISI جا سروس ڪارڊ پڻ مليا هئا. عام طور تي قانوني نقطه نگاهه کان هر اُهو ملزم اوستائين بي گناهه هجي ٿو جيستائين سندس جرم ثابت نه ٿو ٿئي. پر پاڪستاني رياست مظلوم عوام ۽ محڪوم قومن جي اُها مجرم رياست آهي جنهن جي سائي ڪالر مٿان ذوالفقار پٽو، حسن ناصر، نذير عباسي، مرتضيٰ ڀٽو، سميع الله ڪلهوڙو، سرائي قرباني کهاوڙ، روپو چولياٽي ۽ مظفر ڀٽو سميت ڪيترن ئي قومي جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد جي قيادتن جي شهادتن جا سرخ نشان موجود آهن. توهان کي شهيدن جي انهيءَ قطار منجهان اڪثر اڳواڻن جي سياست سان لک اختلاف ٿي سگهن ٿا پر رياست لاءِ اِهي سمورا اڳواڻ هڪجهڙائي به رکندڙ هئا ۽ اُها هي ته پنهنجي تمام تر غلطين باوجود، اهي اڳواڻ ڪنهن نه ڪنهن ريت سماج اندر موجود تضادن ۽ عوامي پاسي ڏانهن بيهندي نظر آيا ۽ اهو ئي سندن ناقابل معافي ڏوهه هيو. بشير قريشي شهيد به اها ئي غلطي ڪئي.

بشير قريشي جي شهادت جي ڪارڻن تي ڳالهائيندي هاٽوڪي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو هو ته بشير قريشي کي انهن قوتن مارايو آهي جن کان 23 مارچ وارو فريڊم مارچ هضم ڪونه ٿي ٿيو. اها حقيقت آهي ته 23 مارچ جي رياستي بابرڪت ڏينهن تي، بنگال کان پوءِ هي سڀ کان وڏو رياست مخالف عوامي ميڙ هو. پر سوال آهي ته ڇا انهن قوتن جو منهن مهاندو اڃا به پسڻ کان پري آهي جن کي عوامي تحرڪ هضم نه ٿو ٿئي؟ رياست ڪا هڪ مُنهين بلا ڪونهي. هن جا ڪيترائي روپ ۽ رنگ هوندا آهن. سنڌ جي مردار جاگيردار طبقي کان وٺي، شهري نسل پرست قوتن تائين، رياست جون انيڪ صورتون سماجي طور موجود هونديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو رياست فريڊم مارچ واري ريلي ڏانهن پنهنجي رويي کي انهن صورتن ذريعي ظاهر ڪيو. عوام ۽ اسان کي چڱي ريت ياد آهي ته ايم ڪيو ايم جي الطاف حسين ڪراچي اندر فريڊم مارچ تي ساڳي ريت جلهه ڪئي هئي جيئن هُن هاٽي محبت سنڌ ريلي تي ڪئي يعني ريلي ۾ شامل ماڻهن (سندن بقول عام ماڻهو نه پر شرپسندن) رستي ۾ ايندڙ دڪانن تان ڦرلٽ ڪئي ۽ عورتن سان بدتميزي ڪئي. ايم ڪيو ايم اهڙين ريلين کي ڪراچي جو پرامن ماحول خراب ڪرڻ جي سازش قرار ڏنو. پر لڳي ٿو جسقم جو هاٽوڪي قيادت اهو سڀ ڪجهه وسارڻ ۾ تڪڙي آهي تنهنڪري ته بشير قريشي جي چاليهي جي دعوت ايم ڪيو ايم کي ڏني وڃي ٿي (جنهن کي چاليهي تي موجود عوام رد به ڪري چڪو) پر پاڻ وڏا جيڪڏهن انهيءَ تي راضي نه ٿا ٿين ته پوءِ اخبار ۾ بيان اچي ٿو ته ”ايم ڪيو ايم هڪ دهشتگرد تنظيم ڪونهي.“ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي 12 مئي، 9 اپريل ۽ 21 مئي ضرور وساري پر اسان ۽ عوام ڪونه وساريندو. شهيد بشير قريشيءَ کان پوءِ جسقم جي هاٽوڪي قيادت کي اهڙن ئي مسئلن سان گڏ ٻين چيلنجز کي منهن ڏيڻو آهي. جنهن ۾ قومي تحريڪن جي سيڪيولر، جمهوري ۽ عوام دوست ڪردار کي اڃان مضبوط ڪرڻو آهي.

جي ايم سيد پنهنجي حياتي ۾ سنڌ جي آزادي کي، پاڪستان جي ٻين قومي تحريڪن سان گڏي ڏٺو ٿي اهو ئي سبب هو جو سندس بلوچ، سرائيڪي ۽ پختون قومپرست اڳواڻن سان بهتر لاڳاپا هئا پر جي ايم سيد کانپوءِ مختلف ٻين سببن جي ڪري به سنڌ جي قومي تحريڪ اندر نسل پرستاڻي رجحان وڌڻ شروع ڪيو ۽ اهو پوءِ آهي ته بشير قريشي جي شهادت کانپوءِ انهن ناڪاري عنصرن ۾ اڃان وڌيڪ اضافو ٿئي (جنهن جو تازو اظهار شهيد

بشير قريشي جي چاليهي جهڙي وڏي موقعي تي پهريون دفعو ڪنهن پختون ۽ بلوچ قيادتن جو نه هئڻ هو) هن سموري صورتحال ۾ هڪ سبب بلوچ ۽ پختون قومي تحريڪن جو به غير جمهوري انداز به ڪمزور ٿيڻ آهي. پر هڪ وڏو عنصر سنڌ جي جئمسڻ سياست جو ايم ڪيو ايم کان متاثر ٿيڻ به آهي. ٻين لفظن ۾ ايم ڪيو ايم هن رياست ۽ قومپرستن جي وچ ۾ بفر جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هڪڙن قومپرستن جو ايم ڪيو ايم ته ٻين جو نوازشريف ڏانهن جهڪاءُ دراصل سنڌ جي قومي تحريڪ جو پورهيت مخالف ۽ غير عوامي ڪردار ڪي اظهاري ٿو. انهيءَ غير عوامي ڪردار سبب رياست لاءِ بنهه آسان آهي ته هو سماج اندر نسل پرستي ۽ سياست جي غير عوامي طريقي ڪارن جا ٻج ڇٽي سگهي.

سنڌ اندر شهيد مظفر ڀٽي جو ڇچريل لاش موڪلڻ به مهاجر صوبا تحريڪ ۽ قاضي احمد ۾ بس واري واقعن جو مقصد به سنڌ جي حقيقي قومي آزادي جي تحريڪ کي غير عوامي ۽ نسل پرستاڻي رستي تي لائڻ جي رياستي حڪمت عملي آهي. چاڪاڻ ته عوام کان ڪٽيل، مهم جوئي واري سياست (پوءِ چاهي اها قومي، جمهوري يا طبقاتي هجي) ئي هن مهم جو رياست جو جيئندان آهي. سياست جي عوامي طريقه ڪارن جي چونڊ ۽ عوام ۾ ويساهه، اُهي تاريخي انقلابي سبق آهن جن تي ويسارڻ جي سزا، محڪوم قومون ۽ مظلوم عوام صدين تائين ڀوڳيندو رهي ٿو.

ڏيهي سياسي صورتحال

نون صوبن وارو مامرو ۽ نسل پرستي جو اُڀار

بخشل ٿلهو



هڪڙو قصو ٻڌندا هئاسين ته جڏهن هڪ حڪيم کان ڪنهن مريض جي گوڏي جي سور جي شڪايت دور نه ٿي ته مريض جي مٿي تي هڪ ڏنڊو وهائي پڇيائينس ته ”هاڻي گوڏي جو سور آهي يا نه.“

موجوده پي پي حڪومت به عوام جي دردن جو درمان ڪجهه اهڙي ريت ڪري رهي آهي. عوام جيڪڏهن بي روزگاري جي دانهن ڪري ٿو ته مهانگائي جو ڏنڊو سندس مٿي ۾ لڳي ٿو. عوام جيڪڏهن امن و امان جو سور پٽي ٿو ته ٽي وي چينل هڪ ٻي بريڪنگ نيوز ڏيڻ شروع ڪن ٿا ۽ اسپتالن ۾ ايمرجنسي قائم ٿي وڃي ٿي. عوام تعليم جي بنيادي حق لاءِ جڏهن جدوجهد ڪري ٿو ته مٿن لائني چارج ٿئي ٿو ۽ اعليٰ تعليمي ادارا دهشتگردن جي هٿن ۾ ڏئي، لساني بنيادن تي ٻيا ادارا جوڙڻ جا فيصلا ڪيا وڃن ٿا. عوام جيڪڏهن صحت جي سهولت جي گهر ڪري ٿو ته سرڪاري اسپتالن ڪي اين جي او حوالي ڪرڻ جوعمل تيز ٿي وڃي ٿو. عوام جڏهن بجلي جي لوڊ شيڊنگ خلاف احتجاج ڪري ٿو ته ايس ايم ايس ذريعي گيس جي لوڊ شيڊنگ جي خوشخبري به پڇي ويندي آهي. اهڙي ريت سرائيڪي صوبي جي تاريخي حقيقي گهُر ڪانپوءِ، رات پيٽ ۾ مهاجر صوبي جي تحريڪ به شروع ٿي وڃي ٿي. مطلب ته اهو صرف عوام ڪونهي جيڪو قومي، جمهوري، طبقاتي جدوجهد کي تيز ڪرڻ جو حق رکي ٿو. پر رياست به انهيءَ جي موٽ ۾ مذهبي انتهاپسندي ۽ نسل پرستيءَ کي تيز ڪرڻ جو آئيني حق رکي ٿي، بس فرق اِهو آهي ته نسل پرستيءَ جو تازو اُڀار ڪِن عوامي تحريڪن جي نتيجي کان وڌيڪ حڪمران قوتن جي داخلي تضادن، ڪري پيدا ٿيو آهي. هونئن تاريخي ۽ عام طور تي حڪمران طبقن ۽ قوتن جا داخلي تضاد، عوامي قوتن کي پنهنجي ايجنڊا اڳتي ڪرڻ لاءِ همٿائيندا آهن، پر هتي عوامي قوتون پنهنجي ڪمزور نظرياتي بنيادن سبب ايترو ته پليل ۽ پنيلائجي ويون آهن جو ڪين وري پنهنجي حقيقي انقلابي دڳ تي ورڻ لاءِ ٿورو وقت گهربل آهي. حقيقي عوامي تحريڪن جي خطري جي اڻ هوند سبب حڪمران قوتون پنهنجي اشوز کي عوام جا بنيادي مامرا ڪري ڇاڻائين ٿيون. نون صوبن وارو مامرو به ڪجهه اهڙي نوع جو آهي.

نون صوبن وارو مامرو

نون صوبن جي ڳالهه 18 هين ترميم ۽ پي پي جي سرائيڪي صوبي واري ايجنڊا ڪانپوءِ شروع ٿئي ٿي. جنهن کان پوءِ وفاقي سياسي دائري ۾ نون بحثن ۽ قراردادن جو دور شروع ٿي وڃي ٿو. پاڪستاني رياست جي غير جمهوري بيهڪ وڌيڪ عيان ٿي پئي ٿي. نون صوبن واري مامري تي رياست جون ٻه وڏيون پارٽيون (پي پي ۽ مسلم ليگ ن) هڪٻئي جي تضاد ۾ اچي وڃن ٿيون. پي پي، سرائيڪي صوبي جي قيام کي پختونخواه نالي جيان جمهوري عمل جو حصو سمجهندي چئي ٿي ته ”جيڪڏهن سرائيڪي وسيب جي وزيراعظم واري دور ۾ هي مسئلو حل نه ٿيندو ته پوءِ ڪڏهن ٿيندو؟ ن

ليگ انهيءَ گهڻ جي عوامي بنيادن کي سمجهندي، ملڪ اندر انتظامي بنيادن تي ڪوڙ سارن صوبن جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ پي پي جي انهيءَ عمل کي نمبر اسڪورنگ ۽ اليڪشني مهم جي حڪمت عملي قرار ڏئي ٿي. ق ليگ پنجاب اندر سرائيڪي صوبي جي سوال تي پي پي سان گڏ بيهندي نظر اچي ٿي. انهيءَ گهڻ ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم هزاره صوبي جي تحريڪ جي پٺ پرائي ڪندي نظر اچي ٿي، جنهن تي اي اين پي سخت اعتراض ورايندي انهيءَ کي پختونخواه صوبي جو داخلي مسئلو قرار ڏئي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ اوچتو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مهاجر صوبي جي چاڪنگ ۽ وال پوسٽر رات پيٺ ۾ لڳايا وڃن ٿا ۽ ڇهه (6) مارچ تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان 2 سئو ماڻهن پاران مهاجر صوبي جي حق ۾ مظاهرو ڪيو وڃي ٿو. شروع ۾ ته انهيءَ کي ايترو سنجيده نه ٿي ورتو ويو پر بعد ۾ ”مهاجر صوبا تحريڪ“ جي وڌندڙ سرگرمين ۽ افرادي قوت جڏهن زور ورتڻ شروع ڪيو ۽ ساڳي وقت لياري اندر آپريشن سنڌ اندر سياسي حلقن ۾ تشويش پيدا ڪري ڇڏي. تڏهن سنڌ اندر سرائيڪي صوبي جي راويتي حامي قومپرست سياست به انهيءَ حمايت تان هٿ ڪڍندي محسوس ٿي ۽ انهيءَ جي ڪجهه پاسن تمام تيزيءَ سان نسل پرستيءَ واري ڳر ڏانهن موٽ کاڌي. هزاره آبادي (جيڪا قوم جي تعريف جون ڪي لوازمات پوريون ڪري ٿي) جي ابتڙ اردو آبادي جي اڪثريت خود اوچتو پيدا ٿيل مهاجر صوبا تحريڪ کي اچرج جي نظر سان ڏٺو.

مهاجر صوبا تحريڪ جا محرڪ

سنڌ جي سياست جي سنجيده عوامي ڌرين پهرين ڏينهن کان مهاجر صوبا تحريڪ جي پٺڀرائي ڪندڙ قوت کي ايم ڪيو ايم سڏيو. جيڪا هڪ پاسي نون ۽ پراڻن سنڌين جي اصطلاح تي زور ڏئي ٿي ۽ ٻي پاسي مهاجر شناخت کي پنهنجي طبقاتي مفادن لاءِ جيئرو رکندي اچي ٿي. ايتريقدر جو ايم ڪيو ايم حقيقي (جيڪا متحده کان وڌيڪ نسل پرستيءَ وارو تعارف رکي ٿي) جي اڳواڻ آفاق احمد ڪافي مهينا اڳ هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته الطاف حسين جيل ۾ اڻ سڌي ريت 2، 3 ڀيرا رابطو ڪيو ۽ نياپو موڪليو ته عالمي سياسي وايومنڊل ڏار مهاجر صوبي جي حق ۾ وڃي رهيو آهي، انهيءَ ڪري پراڻا اختلاف وساري گڏ ٿجي. آفاق احمد جي ڳالهه کي به ذوالفقار مرزا جي ڳالهه وانگي ڪٿي هڪ پاسي رکجي به پر مهاجر صوبا تحريڪ جي اڳواڻن جا جيڪي نالا منظر عام تي آيا آهن. اهي يا ته ايم ڪيو ايم جا پراڻا ميمبر ۽ اڳواڻ آهن يا وري انهن جو اجا تائين ايم ڪيو ايم سان سياسي رابطو موجود آهي. انهيءَ تحريڪ لاءِ ماڻهن جو گهڻو تڻو انگ به انهن علائقن منجهان اچي ٿو جيڪي ايم ڪيو ايم جو ڳڙهه تصور ڪيا وڃن ٿا، نه صرف ايترو پر محبت سنڌ ريليءَ تي فائرنگ به انهن علائقن منجهان ٿي جتي صرف ايم ڪيو ايم جو پکي ئي پرواز ڪري سگهندو آهي. ايم ڪيو ايم جو مهاجر صوبا تحريڪ ڏانهن همدرداڻو رويو ٻڌائي ٿو ته هاٿي جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ته ڏيکارڻ جا ٻيا. جيڪڏهن مهاجر صوبا تحريڪ پٺيان ايم ڪيو ايم ئي آهي ته پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته پنين به ڏهاڪن کان حڪومت جو حصو هوندي ۽ مراعتون حاصل ڪندي به کين اهڙي ضرورت ڇو پيش آئي؟ مان سمجهان ٿو ته انهيءَ جا اهم سبب هيٺين ريت ٿي سگهن ٿا.

(1) سرائيڪي صوبي جي قيام کي قابل عمل ٿيڻ نه ڏيڻ.

(2) مهاجر صوبي جو اشو اٿاري، نسلي بنيادن تي مامرا بيهاري، اڳلي ايندڙ اليڪشن لاءِ ماڻهن ۾ ڪرنڊڙ پنهنجي ساک کي وري بيهارڻ.

(3) ڪوٽا سسٽم جي خاتمي سميت ڪجهه ٻين گهُرن لاءِ ”ڏي وٺ“ واري بيهڪ کي ٺاهڻ.

(4) عالمي قوتن اڳيان مهاجر صوبي جي گھُر کي، عوامي گھُر ڪري ڏيکارڻ ته جيئن پاڪستاني رياست جي امڪاني ٽوڙ ڦوڙ ڪانپوءِ، نسلي تضاد اڀاري، خانه جنگي ڪرائي، ڪراچي کي عالمي فوج جي انتظام هيٺ ڏيارائي سگھجڻ.

ڇا مهاجر صوبو ممڪن آهي؟

آئيني ۽ قانوني نقطئه نگاهه کان آئين جو آرٽيڪل (4) 239 چوي ٿو ته ڪوبه آئيني ترميمي بل جيڪو صوبائي حدن ۾ ڦير گھير جي ڳالهه ڪري ٿو، منظوري لاءِ صدر ڏانهن اوستائين نه ٿو وڃي سگھي جيستائين اهو بل لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي مان 2/3 جي اڪثريت سان قبول نه ٿو ڪيو وڃي. بعد ۾ ساڳي اڪثريت سان قبوليت وفاقي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان به گھربل هوندي. اهڙي ريت عوامي دٻاءُ جي نتيجي ۾ سنڌ اسيمبلي ڪو اهڙو بل پاس ڪري انهيءَ جا امڪان نه هئڻ برابر آهن، پر اسان اهو به خوب ڄاڻون ٿا ته هِن رياست اندر قومي وحدتن سان ڪهڙي ريت ويڙن ٿيندي آئي آهي. مهاجر صوبي جو قيام سنڌ جي سمورن گھڻ گھرن لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي ۽ انهيءَ گھُر تي زور ڏيڻ يعني سموري سنڌ کي هڪ گھرو ويڙهه ڏانهن ڌڪڻ. سوال آهي ته ڇا ايم ڪيو ايم انهيءَ گھرو ويڙهه جي متحمل ٿي سگھندي؟ جواب آهي ته جيڪڏهن سندس وس پڇي ته هوءَ اِهو به ڪري ويندي ۽ ڪراچي کي ڇڏي ڪري، سنڌ جي ٻين شهرن جي اردو آبادي جي قرباني به ڏئي ويندي پر هو ڀاڻ سمجھي ٿي ته سندس اهو خواب ساڀيان ٿيڻ کان گھڻو پري آهي. انهيءَ جا ٽوس سبب موجود آهن. هڪ ته ايم ڪيو ايم سموري اردو آبادي کي انهيءَ گھُر لاءِ راضي ڪري به وڃي تڏهن به ڪراچي جي هاٽوڪي ڊيموگرافي سندس حق ۾ ڪانهي ڇاڪاڻ ته ڪراچي ۾ اردو ڳالهائيندڙن کان علاوه پشتو، پنجابي، بلوچي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي به وڏي انگ ۾ رهي

ٿي جيڪي ايم ڪيو ايم جي نسل پرست سياست کان پليءَ پٽ واقف آهن ۽ ڪراچي جي سياسي وايومنڊل ۾ ايم ڪيو ايم مخالف ۽ هڪٻئي جي اتحادي ٿي بيهن ٿا. ٻيو ته لساني بنيادن تي ڪراچي جي عليحدگي پنجابي سويلين بورجوازي جي حق ۾ به ڪونهي جنهن جي تمام گھڻي سيڙپڪاري اتي ٿيل آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ طبقي جي سياسي نمائندگي ڪندڙ پارٽي مسلم ليگ (ن) انهيءَ اشو تي ايم ڪيو ايم مخالف، سنڌ جي قومپرستن سان گڏ بيٺل نظر اچي ٿي.

ساڳي صورتحال انهيءَ ملٽري بورجوازي جي به آهي جنهن کي دفاعي ۽ معاشي نقطئه نگاهه کان ڪراچي تي ڪنهن به هڪ ڌر جي هڪ هٽي آئيڙي ڪونه ٿي ۽ جيڪا هن وقت تائين ايم ڪيو ايم کي استعمال ڪرڻ ۽ انهيءَ تي اعتبار نه ڪرڻ واري ٻٽي روش کي اظهاريندي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته کين چڱيءَ ريت اندازو آهي ته ايم ڪيو ايم، عالمي سرمائي سان پنهنجي نسبت (Equation) بيهارڻ ۾ پاڪستاني رياستي بيهڪ کان مٿانهون به وڃي سگھي ٿي. (ساڳي صورتحال سنڌي بلوچ ۽ پختون قومپرستن جي به آهي جيڪي هن خطي اندر عالمي سرمائي ۽ گھڻ قومي ڪمپنين جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ پنهنجون خدمتون (هي رياست رهي نه رهي جي بنياد تي) آڇي رهيا آهن.

پر جيستائين پاڪستاني رياست موجود آهي تيستائين ايم ڪيو ايم جي مجبوري آهي ته هو پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ کي به ڪنائي ۽ سندس اجازت جي حد تائين به پرڙا کولي. بقول عائشه صديقه جي ته ايم ڪيو ايم بخوبي ڄاڻي ٿي ته اسٽيبلشمينٽ خاص طور انٽيليجنس ايجنسين وٽ اها اهليت موجود آهي ته اها ايم ڪيو ايم جي حريف قوتن

جھڙوڪ ايم ڪيو ايم (حقيقي) ۽ ڪجھه مذهبي ڌرين ڪي جڏهن چاهي سنڌ جي شهرن اندر وڏي قوت ٻڌائي سگهن ٿيون. اڄ جي پاڪستان ۾ ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ جو تعلق ايترو ئي حقيقي آهي جيترو ايم ڪيو ايم جو شهري علائقن ۾ موجود هئڻ.

نسل پرستي – عوامي سياست جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ

هن سموري صورتحال جي آخري تجزئي ۾ اها ڳالهه ته مهاجر صوبي جو اشو، هڪ نان اشو آهي جنهن مان ڪي ٻيا مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي يا ڪئي ويندي 21 مئي تي مهاجر صوبا تحريڪ جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته اُهي مهاجر صوبي تحريڪ جون سموريون سرگرميون عارضي طور تي بند ڪندا پر الڳ صوبي لاءِ سندن ڪوششون جاري رهنديون. سرگرميون معطل ڪرڻ جو سبب سنڌ حڪومت جو رويو ٻڌايو ويو. هنن وڌيڪ چيو ته اهي پاڪستان جا خلقيندڙ ۽ پاڪستان جي جاگرافيائي سرحدن جا پاسبان پڻ آهن.”

پر انهيءَ سموري چڪتاڻ جو نقصان هن خطي جي حقيقي، قومي، جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪن کي آهي، جن لاءِ نسل پرستيءَ جو اپار زهرِ قاتل آهي ۽ جنهنجو اثر هڪ وڏي عرصي تائين سنڌي ۽ اردو آبادي جي هڪ ٿيڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيندو رهندو.

”اجتماعي خوف ڌڻ واري جبلت کي همٿائيندو آهي ۽ جيڪي ڌڻ جا رُڪن ناهن هوندا، تن خلاف نفرت پيدا ڪندو آهي.“ برٽينڊرسل

خوف جو اجتماعي ماحول پيدا ڪرڻ مهاجر صوبا تحريڪ جو مقصد آهي.

لاشیں دینگے، لاشیں لینگے، مہاجر صوبا لے کے رہیں گے

يا

مہاجر ہیں مگر ہم اک دنیا چھوڑ آئے ہیں
تمہارے پاس جتنا ہے ہم اتنا چھوڑ آئے ہیں

جي جواب ۾

مہاجر صوبہ مانگنے والو، ہم تمہاری موت ہیں

يا

مڪڙن جو مقدر سمنڊ وغيره

جهڙا اشتعال انگيز نعرا ۽ نسل پرستاڻو رجحان ٻيو ڪجھه نه صرف اهو ٻڌائي ٿو ته ”جڏهن عقل ۽ دليل سمهي پوندا آهن ته پوءِ ڀوت ۽ ٻلائون عوام مٿان اڏامون شروع ڪري ڏينديون آهن.“ سنڌ جي قومي، جمهوري ۽ طبقاتي سياست جي ڪمزوري، رياست لاءِ آسان ڪري ڇڏيو آهي ته سموري سماجي محرومي، استحصال ۽ جبر جي اظهار کي غير جمهوري، غير عوامي گس ڏئي ۽ پوري سماج کي انارڪي جي اهڙي اوڙاهه ۾ اڇلي جتان صرف تخريب (تعمير ڪانسواءِ) نفرت ۽ نسل پرستي ئي جنم وٺي ٿي.

هي ئي اهو آئيڊيل ماحول آهي جنهن ۾ ٽين دنيا جي سرمائيداري جيئندي ۽ ٽڳندي آهي. هڪ اهڙي ماحول ۾ جنهن ۾ سماج جا پورهيت پرت چند بورجوا جماعتن وٽ گروي ٿي وڃن، جنهن ۾ رياست پاڻ کي لڪائي، سماجي محرومي جو سبب سماج جي هڪ گروهه، لاءِ سماج جو ٻيو گروهه ثابت ڪري وڃي. اهو تڏهن ممڪن هوندو آهي جڏهن عوام جي ثقافتي، لساني فرق کي سياسي ٻڌائي تنظيم ڪاري ڪئي ويندي آهي.

عالمي سياسي صورتحال

يونان ۽ فرانس جي چونڊن جو تنقيدي جائزو

پرويز سولنگي



يونان ۽ فرانس ۾ 2012ع وارين چونڊن دوران کاٻي ڌر جي پارٽين وڏيڪ ووٽ حاصل ڪري هڪ ته دنيا جي غاصب ۽ مڪروهه سرمائيداري قوتن جون ننڊون اڏائي ڇڏيون آهن ته ٻئي پاسي دنيا جي محنت ڪش عوام ۾ اميد جي نئين روشني پيدا ڪري ڇڏي آهي. يونان جيڪو علم جو اهڃاڻ ۽ يورپي يونين جي ڪمزور بيمار معيشت آهي ۽ فرانس جيڪا انقلابن جي سرزمين آهي ۽ معاشي بحران ڪانپوءِ به هڪ سگهاري معيشت ڄاڻائي وڃي ٿي، ان ٻن مختلف ملڪن ۾ کاٻي ڌر جي سياست جو ساڳيو سلو ۊٽي نڪتو آهي جنهن يورپ جي سرمائيدارن لاءِ هڪ دفعو وري سوال کڙا ڪري ڇڏيا آهن. پر هن تبديليءَ منجهه تمام گهٽيون اميدون رکڻ کان پهرين لازمي آهي ته خود انهيءَ تبديليءَ جي عمل تي به سوال رکيا وڃن. توڻي جو اهو چوڻ شايد قبل از وقت ٿيندو ته: اشتراڪيت (Communism) جو اهو ڀوت جنهن بابت اينگلز ۽ مارڪس ڪميونسٽ مينيفسٽو لکڻ وقت يورپ جي ملڪن کي هوشيار ڪيو هو اهو ڀوت هڪ دفعو وري يورپ جي مٿان لامارا ڏئي رهيو آهي پر سرمائيداري قوتن 1848ع واري اعلانيل ان ڀوت کي مذاق سمجهيو هو، پر 1917ع واري روسي انقلاب ڪانپوءِ انهن کي سمجهه ۾ آيو ته اهو مذاق نه بلڪ تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سچ هو. ان ڪانپوءِ دنيا جون سڀ طاغوتي قوتون هڪ ٿي ويون ۽ روس جي ڀوت (انقلاب) کي ختم ڪرڻ لاءِ ان کي واپس بوتل ۾ بند ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي معصوم انساني جانين جو ٻليدان ڏيڻ کان ڪونه ڪيٻايو ۽ پوءِ جيئن سوويت روس ٽٽي ٿو ته دنيا جا سرمائيدار وڏي واڪي دنيا کي اها نويد ٻڌائن ٿا ته انهن اشتراڪيت جي جن کي واپس بوتل ۾ بند ڪري هميشه لاءِ سمنڊ جي گهراين ۾ درغور و دفن ڪري ڇڏيو آهي. مظلومن ۽ محڪومن جي انقلاب ختم ٿيڻ ڪانپوءِ راڄن سرمائيداري جا قصيده ڳائڻ شروع ڪيا. بس سرمائيداري ماڻهن جو قبلو ٻڌجي وئي ۽ دنيا جي فتح جا گيت ڳائڻ شروع ڪيا. بغير اهو ڄاڻيندي ۽ سمجهندي ته اها ئي سرمائيداري انهن ماڻهن کي رت جا ڳوڙها ڳاڙائيندي رهي آهي ۽ رهندي.

اها سرمائيداري جنهن جو جيئندان صرف رُپئي ۽ منافعي ڪمائڻ تي ئي هوندو آهي اها اهو سمجهي ئي ڪٿي ٿي ته ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۾ اعلانيل ڀوت تيستائين ختم نه ٿيڻو آهي جيستائين سرمائيداري جو راڪاس موجود آهي. 2011ع واري وال اسٽريٽ جي قبضي واري تحريڪ ۽ دنيا جي 80 ملڪن ۾ سرمائيداري مخالف احتجاج ۽ هاڻي يونان ۽ فرانس جي اليڪشن ۾ کاٻي ڌر جي پارٽين جو ڪٽي اچڻ ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته 1848ع وارو ماضيءَ جو سچ اڄ جو به سچ آهي ته مستقبل جو به سچ هوندو ۽ ان سچ جو يورپ جي زمين تي هڪ دفعو وري اڀري اچڻ صرف ڏوڪڙ ۽ منافعي ڪمائڻ واري جديد سرمائيداري نظام جي عوام دشمن صورت جو اهڃاڻ آهي. جنهن جي خاتمي لاءِ عالمي سرمايو ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيو آهي. اهو

ڪيترو ڪامياب ٿيندو اهو ايندڙ وقت ئي ٻڌائيندو. هاڻي اچو ته يونان ۽ فرانس جي چونڊن جي نتيجن ۽ اتان جي سماجي حالتن تي ڳالهايون جن ٻنهي ملڪن جي عوام کي ساڄي ڌر کان هٽي ڪري کاٻي ڌر جي پارٽين کي ووٽ ڏيڻ لاءِ اتساهيو.

يونان ۽ فرانس جا چونڊ نتيجا

يونان ۾ موجود چئن کاٻيءَ ڌر جي پارٽين سڀ کان وڌيڪ ووٽ کٽندڙ Syriza پارٽي آهي، سريزا پارٽي 11 مختلف پارٽين ۽ گروپن جو اتحاد آهي جيڪو 2004ع ۾ ٺاهيو ويو هو. ان پارٽي 17 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن ۽ ان جون 51 سيٽون ٿيون آهن. ٻئي نمبر تي KKE يعني ڪميونسٽ پارٽي آف گريس آهي جنهن 8 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن ۽ ان جون 22 سيٽون ٿيون آهن. Antarsia کاٻي ڌر جي پارٽين جو ٻيو اتحاد آهي ان 1.9 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن ۽ آخر ۾ ڊيموڪريٽڪ ليفٽ (D.L) آهي جنهن 6 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن ۽ ان جون 10 سيٽون ٿيون آهن. ساڄي ڌر جي پارٽين مان Independent Greeks آهي جنهن 10.6 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن ۽ ٻئي نمبر تي LAOS آهي جنهن 2.9 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن. ڇرڪائيندڙ ڳالهه اها آهي ته فاشسٽ پارٽي گولڊن ڊان جيڪا هٽلر کان متاثر آهي ان 7 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن.

ٻئي طرف فرانس آهي جتي ٻئي مرحلي ۾ ٿيل چونڊن ۾ سوشلسٽ پارٽي جي 47 سالن جي اڳواڻ فرانسڪو هولينڊ 51.62 سيڪڙو ووٽ کڻي نڪولس سرڪوزي کي مات ڏني آهي جنهن 48.38 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن. اهڙي طرح هولينڊ فرانس جي کاٻي ڌر وارو صدر بڻجي ويو آهي.

يونان ۽ فرانس ۾ ساڳي تاريخ يعني 6 مئي 2012ع تي ٿيل اليڪشن جي نتيجن جو ڌيان طلب پاسو هي آهي ته سالن کان ماٺار ۾ پيل کاٻي ڌر جي سياست اوچتو يورپ جي ملڪن ۾ ٿيل احتجاجن ڪانپوءِ گجگوڙ ڪندي يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن تي حاوي ٿيندي نظر اچي رهي آهي.

جيڪڏهن اسان يونان ۽ فرانس جي زميني حالتن جو جائزو وٺون ته انهن ۾ ڪافي فرق آهي پر ڇاڪاڻ ته ٻئي ملڪ يورو زون (Euro Zone) جو حصو آهن ان ڪري ٻنهي ملڪن ۾ وڌندڙ بحرانن جو سبب ساڳيو آهي. يورو زون بحران ۽ ڪٽوتي (Austerity) وارو پروگرام ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ هڪ جهڙي باهه ٻاري آهي. ٻنهي ملڪن جي سماجي حالتن کي سمجهڻ کان اڳ اچو ته اسان يورو زون بحران ۽ آسٽرٽي پروگرام کي سمجهون جيڪي ٻنهي ملڪن ۾ وڌندڙ بي روزگاري، ڪرپشن ۽ بدامني جي واڌاري جا ڪارڻ آهن.

يورو زون بحران (Euro Zone Crises) ڇا آهي؟

ٻي مهاڀاري لڙائي ڪانپوءِ ڪائونسل آف يورپ 1949ع ۾ يورپين يونين ٺاهي جنهن ۾ بيلجيم، فرانس، جرمني، اٽلي، لڪسمبرگ ۽ هالينڊ بنيادي ميمبر طور شامل ٿيا هئا. ان کان پوءِ يورپ کنڊ جي ملڪن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ 1987ع ۾ هڪ ايڪٽ پاس ڪيو ويو جنهن ۾ يورپ جي ملڪن لاءِ ”هڪڙي منڊي“ (Single market) جو بل پاس ڪيو ويو. ٺيڪ ٻن سالن کان پوءِ يعني 1989ع ۾ يورپ جي ملڪن کي وڌيڪ ويجهو آڻڻ لاءِ اوڀر يورپ ۽ اولهه يورپ جون سرحدون ختم ڪرڻ لاءِ برلن ديوار کي ٽوڙيو ويو. هڪ منڊي ۽ هڪ يورپ جي خواب جي ساڀيان ڪانپوءِ يورپ جي ملڪن هڪ ٻئي کي اڃان وڌيڪ ويجهو ڪرڻ لاءِ ٻهرين جنوري 1999ع ۾ يورپ لاءِ هڪ ڪرنسي يا سڪو جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سڪي کي ”Euro“ سڏجي ٿو.

اهڙيءَ طرح يورپي يونين جي ٽوٽل 27 ميمبر ملڪن مان 17 ملڪن جو سڪو ”Euro“ ئي آهي ۽ اهي ملڪ هيٺيان آهن.

(1) آسٽريا (2) بيلجيم (3) سائپرس (4) ايٿونيا (5) فن لينڊ (6) فرانس (7) جرمني (8) يونان (9) آئرلينڊ (10) اٽلي (11) لڪسمبرگ (12) مالٽا (13) هالينڊ (14) پرتگال (15) سلوويڪيا (16) سلووينيا (17) اسپين.

ساڳي سڪي رائج ٿيڻ کان پوءِ يورپ جا 320 ملين ماڻهو 23 ملڪن ۾ آساني سان Euro ذريعي ڪاروبار ڪندا آهن. هاڻي سمجهو ته يورو زون 17 يورپي يونين جي رياستن جي ايڪانامڪ ۽ مانيٽري يونين (EMU) آهي. ان يونين جي ذميواري (ECB) يعني يورپين سينٽرل بينڪ جي ڪلهن تي آهي جنهن کي هلائڻ وارا وري قومي مرڪزي بئنڪن (NCB) جا صدر ۽ يورو جا مُک هوندا آهن.

ساڳي سڪي هجڻ ۾ ڪوڙ سارن فائدن سان گڏ نقصان به آهن جن سبب ڪيترائي ننڍا ملڪ پريشانين جي ور چڙهي ويا آهن. يورو زون بحران 2009ع کان يونان مان شروع ٿيو جيڪو هاڻي ڦهلجي ويو آهي. يورپي سينٽرل بئنڪ جي ڏاهن يورو جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ آسٽرٽي پاليسي ميدان ۾ لاٿي.

آسٽرٽي پروگرام ڇا آهي؟

آسٽرٽي سرمائيدارن لاءِ هڪ معاشي پروگرام آهي جنهن مطابق جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ جنگي صورتحال، قدرتي آفتن ۽ ڪنهن ٻئي سبب ڪري معاشي حالتون بگڙجي وڃن ۽ ملڪ جي معيشت ڪمزور ٿي وڃي ته اهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ رياست آسٽرٽي پروگرام هيٺ لاهيندي آهي، ان پروگرام تحت پورهيت ۽ وچين طبقي جي عوام جي پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪٽوتي ڪئي ويندي آهي. ايتري تائين جو ماڻهن کي نوڪرين مان به ڪڍيو ويندو آهي. رياست طرفان عوام کي ڏنل سماجي فلاحي رعايتن کي به آهستي آهستي ڪري ختم ڪيو ويندو آهي. اهو سڀ ڪرڻ جو مقصد سرمائيدار معاشي بگاڙ کي سنڀالڻ جي ڪوشش هوندي آهي، ٻين لفظن ۾ حڪمران طبقن جي معاشي مفاد جو دفاع يورو زون بحران ۽ آسٽرٽي جي پاليسين جي سبب ئي فرانس ۽ خاص طور تي يونان جي عوام ڏکيا ڏينهن ڏسڻ شروع ڪيا. عوام ردعمل ۾ پنهي پروگرامن خلاف ڪاٻي ڌر کي ووٽ ڏئي سرمائيدارن جي دانائي يعني آسٽرٽي کي پنج آڱريون ڏيڪاري. ڇڏيون آهن.

يونان جون سماجي حالتون

4 اپريل 2012ع تي يونان جي ميڊيا تي هڪ دردناڪ خبر ڇپي جنهن ۾ 77 سالن جي جهوني ايٿنز شهر جي قومي پارليامينٽ اڳيان پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيو. هڪ عيني شاهد مطابق بزرگ پاڻ کي گولي هڻڻ کان اڳ ۾ زور سان هي لفظا چيا. ”مان جيئرو رهي ڪري پنهنجي اولاد تي قرض جو وزن وجهڻ نه ٿو چاهيان.“ ان کان علاوه بزرگ هڪ چٺي به لکي جيڪا مرڻ وقت هن جي هٿ ۾ هئي. ان چٺيءَ ۾ لکيل هو ته:



هتان جي حڪومت منهنجي زنده رهڻ جا سڀ گس بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ مون کي انصاف ملڻ جي اميد ڪٿان به نه آهي. ان کان اڳ جو مان پنهنجن ٻچن تي بار ٿيان ۽ رستن تان گند ڪچرو ميڙي پنهنجي کاڌي جو بندوبست ڪيان. اهڙي ذلت جي زندگي

اڇڻ کان اڳ ۾ پنهنجو پاڻ کي عزت سان ماري ڇڏڻ کان علاوه مون وٽ ٻيو ڪوبه رستو نه آهي.“

هن بزرگ ان ساڳي چٺي ۾ هيٺيان حقيقت سان ڀريل لفظ به لکيا.

اهي نوجوان جن جو ڪوبه روشن صبح نه آهي اهي هڪ ڏينهن گڏ ٿي هٿيار کڻندا ۽ سڀني غدارن ۽ ظالمن کي ايٿنز جي چوڪ تي لٽڪائيندا بلڪل اهڙي طرح جيئن 1945ع ۾ ماڻهن مسولينيءَ کي لٽڪايو هو.

هن واقعي جي خبر پوڻ ڪانپوءِ ڪيترائي شهري واقعي واري هنڌ گل کڻي ايندا رهيا. ان جهوني جنهن يوناني وڻ جي اوٽ ۾ خودڪشي ڪئي هئي ماڻهن ان وڻ تي ڪجهه هيٺيان لفظ لکيا.

”آسٽرٽي موت آهي“، ”هاٽي گهٽو ٿيو“، ”توهان يونانين مان هاٽي خودڪشي ڪرڻ جو وارو ڪنهن جو آهي؟“ ان کان علاوه يونان جي نوجوانن فيس بوڪ تي پيج ٺاهيو ۽ ان يونان جي ماڻهن لاءِ هڪ پيغام ڇڏيو ته ”توهان پاڻ کي اهڙي نموني موت ڏيڻ جا عادي نه بڻايو.“ شام تائين ٻن هزارن کان مٿي نوجوانن گڏ ٿي حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي. ڪيترن ئي نعرن سان گڏ هڪ نعرو جيڪو پلي ڪارڊ تي لکيل هو اهو ڌيان ڇڪائيندڙ هو.

”اها خودڪشي نه بلڪ رياستي قتل آهي“

هن واقعي لکڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته جيئن پڙهندڙ سرمائيداري جي نعمتن کان واقف ٿين ۽ اندازو لڳائن ته انهن نعمتن يعني يورو بحران ۽ آسٽرٽي، يوناني معاشري جون حالتون ڪٿي اچي بيهاريون آهن. سرمائيداري جنهن کي انساني جانين کان وڌيڪ منافعو پيارو هوندو آهي. ان جو تازو هڪ ڪارنامو هي به آهي ته يونان ۾ وڌندڙ بدامني ۽ هنگامن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن شهري کي پوليس جي مدد گهربل آهي ته ان کي 30 يورو ادا ڪرڻا پوندا ۽ پوليس جا چار نوجوان انهن جي مدد لاءِ پهچي ويندا. ها جيڪڏهن توهان کي سپاهين سان گڏ پوليس ڪار جي ضرورت آهي ته پوءِ 10 يورو وڌيڪ ڏيڻا پوندا ۽ جيڪڏهن توهان وٽ پئسا نه آهن ته پوءِ توهان ڪنهن جي مدد حاصل ڪرڻ جا اهل ناهيو.

انهيءَ جي جواب ۾ مالي بحران سبب پگهارون نه ڏئي سگهندڙ يوناني رياست اهو عذر ڄاڻايو ته پوليس وارن جا ٻچڙا به آهن. اهي انهن کي پالڻا آهن تنهن ڪري اسين پوليس پاران ڪيل حفاظت جا پئسا وٺي رهيا آهيون يعني امن امان ۽ تحفظ جي نجڪاري. پاڪستان ۾ به ٿوري گهڻي فرق سان نجي سيڪيورٽي ادارن جو اڀار به ساڳئي حقيقت جو اظهار آهن. ڇا به هجي پر يورپ جي ”Troika“ جنهن کي اسين ٽه منهي بلا جو نالو ڏيون ٿا يعني يورپين يونين (EU)، يورپين سينٽرل بئنڪ (UCB) ۽ انٽرنيشنل مانٽري فنڊ (IMF) پنهنجي پاليسين سان يونان سماج کي اوڙاهه ۾ اڇلايو آهي. ياد رهي ته ان ٽه منهي بلا يونان جي عوام تي ميمو جو بم ڪيرايو هو. ان ميمو ۾ يونان جي رياست کي پابند ڪيو ويو ته اها جرمني ۽ فرانس جي بئنڪن جا قرض لاهڻ لاءِ آسٽرٽي پروگرام کي هيٺ لاهي ۽ ماڻهن جي پگهارن ۽ پينشن مان ڪٽوتي ڪرڻ شروع ڪري. يونان تي حڪومت ڪندڙ نيشنل ڊيموڪريسي ۽ پاسوڪ پارٽي جي اڳواڻن ان ميمو تي دستخط ڪيا ۽ اهڙي طح يونانين لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿي ويا.

اقتدار ۾ رهندڙ پارٽين جي ان عمل جو نتيجو اهو نڪتو ته نيشنل ڊيموڪريسي جنهن پهرين اليڪشن ۾ 33 سيڪڙو ووٽ کنيا هئا هن دفعي 19 سيڪڙو ووٽ کڻي سگهي آهي. جڏهن ته Pasok جنهن پهرين اليڪشن ۾ 43 سيڪڙو

ووٽ کنيا هئا ان هن دفعي صرف 13 سيڪڙو ووٽ کنيا آهن. يونان جي عوام طرفان اقتدار ۾ رهندڙ پارٽين کي گهٽ ووٽ ڏيڻ جو ڪارڻ اهو ئي آهي ته يوناني کهڙي به حالت ۾ آسٽرٽي پروگرام جي خلاف آهن. ساڄي ڌر جي ان ڪڌي عمل ۽ کاٻي ڌر جي مزاحمتي ڪردار سبب عوام، پنهنجون ترجيحون تبديل ڪيون.

هاڻي مختصراً فرانس جي سماجي حالتن تي ڳالهائينداسين جتي حالتون يونان وانگر ته نه آهن پر باهه اتي به ٻريل آهي. يورو زون بحران جو اثر فرانس جهڙي ملڪ تي به آهي جتي ماڻهو حد درجي جي مايوسي جو شڪار ٿي چڪا آهن. صرف مئي مهيني جي آچر ۽ سومر وارن ٻن ڏينهن دوران 12 ماڻهن پاڻ کي ريل جي اڳيان اڇلائي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. ان کان علاوه فرانس ۾ ڪوڙ سارا احتجاج ڪيا ويا آهن. مئي جي مهيني ۾ ئي هزارن جي تعداد ۾ فرانس جا ماڻهو Bastil جيل واري هنڌ گڏ ٿيا هئا. ياد رهي ته اِها اُها جيل آهي جتان 1789 واري انقلاب دوران انقلابين حملو ڪري پنهنجا قيد ٿيل ساٿي ڇڏرايا هئا. فرانس جي سماج ۾ وڌندڙ احتجاجن جو ڪارڻ به ساڳيو آهي. اسان فرانس جي سماجي حالتن جو اندازو 15 سيڪڙو ووٽ کڻندڙ Front de gauche پارٽي جي اڳواڻ Jean Luc Melenchon جي هڪ تقرير جي متن مان ڏسڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا جنهن تازو ئي 90 هزار ماڻهن کي خطاب ڪندي اڳوڻي صدر سرڪوزي کي مخاطب ٿيندي ڳالهايو. يان لڪ ميلنڪن هولينڊ کان به وڌيڪ فرانس ۾ سرمائيداري جو سخت مخالف ڪردار آهي. 90 هزار جي ميڙ کي خطاب ڪندي ڳاڙهي پين سان لکيل پنهنجي تقرير جي متن ۾ سرڪوزي جو متيون منجهائيندڙ ميلنڪن چوي ٿو.

”مسٽر سرڪوزي مان هتي بيهي توکي جواب ڏيڻ چاهيان ٿو ته تون ان ميلنڪن کي منهن پيو ڏين جيڪو هر گذرندڙ ڏينهن تي تو تي حاوي ٿي رهيو آهي ۽ توکي اهو باور ڪرائي رهيو آهي ته تنهنجن منصوبن ۽ مقصدن ۽ منهنجي منصوبن ۽ مقصدن ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اسان ٻئي ساڳئي ڪيمپ جا نه آهيون اسان ٻئي ساڳئي فرانس جا به نه آهيون. تنهنجو فرانس صرف اولهه يورپ لاءِ آهي منهنجو فرانس پوري دنيا لاءِ آهي. تون چوين ٿو ته تنهنجي فرانس لاءِ ڪيل پنجن سالن واري اڻٿڪ محنت کي ٻن ڏينهن ۾ ڊاٺو ويو آهي. تنهنجا اهي پنج سال اڻ ٿڪ محنت جا نه بلڪ ڏکن ۽ مايوسين جا پنج سال هئا. اهڙا پنج سال جن فرانس جي روح کي ٽوڙي رکيو آهي. تو وارا پنج سال اڳتي وڌڻ وارا نه بلڪ پوئتي وڃڻ وارا پنج سال آهن. اسان لاءِ زنده (Live) رهڻ جو مطلب صرف ساهه کڻڻ (Survive) نه آهي. هونءَ به اسان غم جي سمنڊ ۾ خوش رهي به ڪيئن ٿا سگهون. فرانس جيڪو دنيا جي پنجين وڏي طاقت وارو ملڪ آهي ان وٽ 80 لک ماڻهو غربت جي زندگي جي رهيا آهن ۽ انهن وٽ رهڻ لاءِ صاف سٺرا گهر نه آهن. ماڻهن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ ڪٽوتي ڪئي وئي. استاد جي رتبي ۾ گهٽتائي آئي، مزدور پنهنجي ڪم واري جاءِ تي مرڻ شروع ٿي ويا آهن. ماڻهن جي سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ رڪاوٽون اچي ويون آهن پورهيت ۽ مزدور تي ٻيٽي ٽيڪس جو بار وڌو ويو آهي. پوءِ تون هاڻي انهن سڀني جو جواب ڪيئن ڏيندين؟“

ميلنڪن جي هن تقرير مان جيڪا ڳالهه واضح ٿئي ٿي اها هي آهي ته ترقي يافته دنيا سان ڳنڍيل فرانس جهڙي ملڪ ۾ بيروزگاري ۽ بي چيني وڌي آهي اهو ممڪن آهي ته ٽين دنيا سان واسطو رکندڙ اسان جي سماج جا ماڻهو جيڪي شروع کان بک،

ڏاڍ، جبر، ناانصافي ۽ ٻين سماجي برائين جا عادي بڻجي چڪا آهن. انهن کي يونان ۽ فرانس ۾ پيدا ٿيل انهن حالتن تي حيراني نه ٿئي پر خود انهن سڙيل سماجن جو عوام جيڪو سُک ڏسڻ جو عادي آهي انهن لاءِ اهڙين حالتن مان گذرڻ ڪنهن قيامت کان گهٽ نه هوندو. باقي اسان جهڙن سماجن ۾ جت روز ماڻهو معاشي تنگدستي ڪري پاڻ کي جيئرو ساڙي يا ماري ڇڏين ٿا. ان سماج ۾ ماڻهو اهڙين موتن تي بلڪل ڌيان نه ٿا ڏين ۽ ان کي هڪ عوامي رواجي لقاءُ سمجهن ٿا. ايتري تائين جو اسان جي پڙهيل لکيل فردن ۾ ايتري اخلاقي جرئت به نه آهي ته بک ۽ معاشي تنگ دستي سبب ٿيندڙ خودڪشين کي رياستي قتل قرار ڏين. اٽلندو، اسان جو عام رواجي شعور، خودڪشي جا ڪارڻ صرف فرد جي ذات ۾ ڳولهي ٿو ته ”سست هو، نپاڳو هو، هٺو ڪٺو هو، محنت ڪري ها هروڀرو خودڪشي ڪري پنهنجي قيامت ڪاري ڪري ڇڏيائين“

يونان ۽ فرانس جي سماجي حالتن جو نتيجو

”هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو غريب ماڻهوءَ وٽ ڪائڻ لاءِ اميرن ڪانسواءِ ٻي ڪابه شيءِ نه هوندي.“ هي لفظ يورپ ۾ ٿيندڙ سرمائيداري مخالف احتجاجن دوران لکيل هڪ بينر جا آهن. ته منهين بلا طرفان لڳايل آسٽرٽي پروگرام سبب پيدا ٿيل سماجي ۽ معاشي بگاڙ جيڪو يونان ۽ فرانس جي سماج ۾ پيدا ٿيو ان جو نتيجو هي نڪتو ته ٻنهي ملڪن جي عوام ڪاٻي ڌر کي ووٽ ڏئي ته منهين بلا کي ڏهه آڱريون ڏيکاري ڇڏيون آهن. يورپي يونين، سينٽرل يورپين بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي پاليسين جو جواب في الحال عوام ووٽ جي صورت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. پر ڳالهه اتي ختم ناهي ٿيڻي.

پنهنجي ان جنت کي بچائڻ لاءِ پوري دنيا کي دوزخ بنائڻ جو هنر خوب ڄاڻيندڙ شيطاني صفت سرمائيدار پنهنجون اٽڪلون وڙهائيندا ۽ ممڪن آهي ته مختصر عرصي لاءِ ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي به وڃن پر اهو به سچ آهي ته جڏهن غريب ۽ پورهيت عوام اکيون پٽيندو ته پوءِ 1789 واري فرانس انقلاب وانگر انهن کي کائڻ لاءِ اميرن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه ايندو.

يونان ۾ چونڊن ڪانپوءِ واري صورتحال

سريزا، ڪميونسٽ پارٽي آف گريس (KKE)، ڊيموڪريٽڪ ليفٽ (DL) ۽ انتاريا (Antaraya) جيڪي کاٻي ڌر جون چار پارٽيون آهن انهن کي يونان ۾ گڏيل حڪومت ٺاهڻ جو چيو ويو. سڀ کان وڌيڪ ووٽ کڻندڙ سريزه پارٽي جي اڳواڻ Alexis Tripras جي ڪلهن تي اهو بار رکيو ويو پر ڪي، ڪي، اي (KKE) ڪنهن به اتحادي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ کان سخت نابري ڏيکاري آهي. ايستائين جو ڪميونسٽ پارٽي آف گريس جا ڪامريڊ ڳالهين ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهن. ڪي ڪي اي جو اهڙي سخت موقف کي اڳيان رکندي 17 جون 2012ع تي يونان ۾ ٻيهر چونڊن جو اعلان ڪيو ويو آهي. ڪي ڪي اي اها ڳالهه سمجهي ٿي ته يونان جي مسئلن جو حل سرمائيداري پاليسين جي موت ۾ لڪل آهي.، جڏهن ته ٻيون کاٻي ڌريون سوشل ڊيموڪريسي واري نقطئه نظر کي اڳيان ڪندي ان راءِ جون قائل آهن ته سرمائيداري ۽ ڪميونزم ۾ ڳانڍاپو قائم ڪري مسئلا حل ڪجن. مثال طور سريزا پارٽي آسٽرٽي جي مخالف ته آهي پر اها يورو زون مان نڪرڻ جي خواهش نه ٿي رکي. جڏهن ته ڪي ڪي اي مطابق ووٽ ذريعي اصل انقلاب ناهي ايندو پر تنهن هوندي به يونان کي يورو زون مان به نڪرڻ گهرجي ۽ آسٽرٽي کي بلڪل ختم ڪرڻ گهرجي. سرمائيداري جهڙي ڏائڻ کي ميڪ اپ ڪرائي يوناني عوام کي وٺائڻ

جي چڪر ۾ رهندڙ سريزا پارٽي مايوسي جو شڪار آهي پر وري به اها ان ڳالهه لاءِ پراميد آهي ته ڪي ڪي اي انهن سان اتحادي حڪومت نه ٺاهي پنهنجي پير تي ڪهاڙو پاڻ هنيو آهي. 17 جون تي وري ٿيندڙ چونڊن ۾ ڪي ڪي اي هاڻي 5 سيٽون به کٽي ڪونه سگهندي. ان ڪان علاوه يونان ۾ گولڊن ڊان پارٽي جيڪا فاشسٽ آهي ۽ ان ۾ غنڊن ۽ ڏوهاري قسم جي ماڻهن جي گهڻائي آهي. هٽلر جي سياست کان متاثر هي پارٽي سرمائيدارن جي مفادن لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي.

يونان جي سرزمين جتان يوناني الميو (Greek Tragedy) شروع ٿيو هو اڄ پورو يونان خود هڪ الميو بڻيل آهي. ان المياتي ڊرامي جو ڊراپ سين ڇا ٿيندو ان لاءِ اسان کي 17 جون تي ٻيهر ٿيندڙ چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ ٺهندڙ صورتحال بهتر نموني ٻڌائي سگهندي.

فرانس جي چونڊن ڪانپوءِ واري صورتحال

يونان جي ابتڙ فرانس ۾ ڪابي ڌر جي حڪومت ٺهڻ ۾ ڪا پريشاني ڪونه آئي انهيءَ جو اهم سبب هولينڊ جو سوشل ڊيموڪريٽڪ هئڻ آهي. هولينڊ جي سوشل ڊيموڪريسي هڪ سڌار پسند ايجنڊا رکي ٿي. جنهن جو موجوده نظام سان ڪو بنيادي ٽڪر نه آهي. نڪولس سرڪوزي 15 مئي تي نيڪ خواهشن سان هولينڊ کي صدارت جون ذميواريون ڏئي ڇڏيون. ان کان علاوه ايٽمي اثاثن جا خفيه ڪوڊ ورڊ به هولينڊ جي حوالي ڪيائين. يورپ جي سياست تي گهري نظر رکندڙ سياسي مبصرن جي راءِ آهي ته چونڊ مهم دوران چيل لفظن ۽ ڪيل واعدن کي عملي جامو پارائڻ صدر لاءِ بلڪل آسان ڪونه هوندو ڇاڪاڻ ته دنيا جا طاقتور ترين سرمائيدار ڪڏهن به ائين ڪونه چاهيندا ته هولينڊ ايترو جلدي 21 صدي جو هيرو بڻجي اڀري.

فرانس جي صدارت تي پهريون ڀيرو غير شادي شده صدر جو ويهڻ خود ان لاءِ ڪيترن ئي مٿي جي سورن مان هڪ سور آهي. پنهنجي زندگي جا 30 سال Segolene Royal سان گذاريندڙ فرانس جي نئين صدر کي ان مان چئن ٻارن جو اولاد آهي. سيگل رائل خود ڪابي ڌر جي مشهور سياسي اڳواڻ آهي ۽ 2007ع واري اليڪشن ۾ هولينڊ سان گڏ بيٺل هئي. پر ان اليڪشن ۾ شڪست ڪانپوءِ ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا. هاڻي هولينڊ 47 سالن جي صحافڻ Valerie Treirweiter سان بغير شادي جي گڏ آهي. فرانس جي هن صحافڻ کي ٽن ٻارن جو اولاد پڻ آهي. هولينڊ لاءِ شادي جو رشتو نه هجڻ سبب هن جي سفارتي دورن تي منفي اثر پئجي سگهي ٿو. انڊونيشيا، سعودي عرب، پاڪستان ۽ انڊيا جهڙا ملڪ هن لاءِ مسئلو ڪري سگهن ٿا بلڪل اهڙي طرح جڏهن سرڪوزي لاءِ انڊيا ۾ ڪارلا برني کي بغير نڪاح جي وٺي اچڻ جي وقت ٿيو هو.

هولينڊ جي ان ذاتي مٿي جي سور هجڻ باوجود به ڪيل ٻن جرئتمنداڻن فيصلن ان کي عوام ۾ ڪافي مقبول ڪيو آهي. فرانس جي پنجين جمهوريه (Republic) جو ستون صدر 15 مئي اڳاري تي صدارت جي قسم کڻڻ جي ڪجهه ڪلاڪن بعد جرمنيءَ جي شهر برلن وڃي پهتو. هن جرمني جي چانسلر اينگلا مرڪل سان پهرين سفارتي ملاقات ڪئي. ياد رهي ته چونڊ مهم دوران مرڪل جون همدرديون سرڪوزي سان گڏ هيون. آسٽريٽي پاليسي تي نئين صدر سان نه ڳالهائيندڙ مرڪل ڪافي پريشان هئي پر تنهن هوندي به مرڪل چيو ته هولينڊ ۽ مون ۾ ڪوڙ ساريون هڪجهڙايون آهن. ٻنهي اڳواڻن يونان جي عوام جي حالتن تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ اميد ڪئي ته يونان يورو زون مان نڪري.

اسان سڀ ملڪ گڏجي يورو زون جو حل تلاش ڪنداسين. پراعتماد نظر ايندڙ صدر مرڪل کي ڀيهر جلدي ملڻ جو چئي واپس فرانس موٽي آيو.


هن تڪڙي سفارتي دوري ڪانپوءِ هولينڊ 25 مئي جمعي تي افغانستان طرف اوچتو دورو ڪيو جتي هي صدر حامد ڪرزئي سان مليو ۽ Nato ۾ شامل فرانس جي فوجين سان به ملاقات ڪئي. افغانستان ۾ موجود نيٽو فوجين جو ٽوٽل تعداد هڪ لک 30 هزار آهي جن مان 3550 فرانس جا فوجي آهن. 2001ع کان وٺي هن مهل تائين Nato جا ٽوٽل 3009 فوجي جنگ ۾ مارجي ويا آهن ۽ انهن 3009 مان 83 فوجي فرانس جا آهن. افغانستان جي اوڀر واري صوبي ڪيپسيا ۾ نجراب فوجي اڏي تي پنهنجي فوجين کي خطاب ڪندي هولينڊ چيو ”فرانس کي چا ڪرڻو آهي ان جو فيصلو به فرانس پاڻ ئي ڪندو.“ ان جاءِ تي صدر هڪ اعلان ڪيو جنهن سبب آمريڪا جي صدر اوبامه کان وٺي هينري ڪلنٽن تائين اڳواڻ پريشان ٿي ويا آهن.

سال 2012ع جي آخر تائين هولينڊ 2000 فرانس جي فوجين کي واپس ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. افغانستان ۾ آمريڪا اڳ ۾ ئي جنگ هارائي رهيو آهي. ان سبب اتحادي فوجين طرفان عام شهرين کي مارڻ واري واقعن ۾ تيزي آئي آهي. صرف 2011ع ۾ 3021 عام افغان شهري مارجي ويا آهن ۽ هن سال 30000 افغاني ٻين ملڪن ۾ پناهه گير ٿي هليا ويا آهن. اهڙي صورتحال ۾ هولينڊ جو افغانستان مان فوجين ڪڍڻ جو اعلان آمريڪا کي چڙائڻ برابر آهي. ٻيو ته اوبامه 2014ع تائين خود افغانستان مان فوجين ڪڍڻ جو اعلان ڪري چڪو آهي ته پوءِ به سال پهرين فرانس جا فوجي ڪڍڻ مان هولينڊ چا ٿو ثابت ڪرڻ چاهي. هولينڊ فرانس جو ڪهڙي قسم جو صدر ثابت ٿيندو؟ انهيءَ لاءِ صرف اهو چئي سگهجي ٿو ته سوشل ڊيموڪريسي پوءِ چاهي اها بليئر جي هجي يا هولينڊ جي، مرندڙ سرمائيداري جو خاتمو نه پر انهيءَ جو دفاع آهي، فرانس اندر سرڪوزي جهڙي تنگ نظر ساڄي ڌر خلاف، سڌارِ پسند کاٻي ڌر جو ڪٽڻ خوش آئيند ضرور آهي پر انهيءَ منجهه تمام گهڻيون اميدون رکڻ به انتهائي سياسي سادگي ٿي پوندي. صرف ايترو چئي سگهجي ٿو ته هولينڊ جو دور ٻئي امڪان رکي ٿو. يعني سندس اوسر ناڪامي جي صورت ۾ واپس تنگ نظر ساڄي ڌر ڏانهن جهڪاو يا وري حقيقي ڪميونسٽ تحريڪ ڏانهن لاڙو. آخري امڪان جي عمليت لاءِ لازمي آهي ته **(ڏسو صفحو 25)**

نظرياتي ادب

سرمائيداريءَ جي اوسر

امين قريشي



سماج جي واڌ ويجهه ۽ ان جي بدلاءُ کي هميشه ٻن بنيادن تي پرکيو ويندو آهي. هڪ بنياد آئيڊيلسٽ يعني خيال پرست جوڙيندا آهن. هنن جو مڃڻ آهي ته سماجي تاريخ جو وهڪرو فرد ۽ ان جي شعور جو محتاج آهي. اهو فرد ۽ ان جا خيال ئي آهن. جيڪي سماجن کي اڳتي وٺي وڃن ٿا. جن جي ڪري ئي بدلاءُ اچن ٿا. هنن جي بقول ته اهي مصر جا فرعون هئا، جيڪي مصر جي سماج جا هلائيندڙ هئا، اهي يونان جا ڏاها هئا جيڪي يوناني سماج کي هلائيندڙ هئا.

ٻئي طرف سماج جي ارتقا، واڌ ويجهه ۽ تبديلين کي سمجهڻ جو ٻڻ بنياد ميٽيريل ازم يعني ماديت آهي. جنهن موجب شعور فرد سماج جي اوسر ۽ سرگرمين جو حاصل نتيجو آهي. سماج کي هلائيندڙ ته پورهيو ۽ پورهيت يعني ان وقت جو رائج پيداواري نظام آهي. سماج، سماجي ضرورت جون ڪهڙيون بنيادي شيون ڪهڙن پيداواري اوزارن جي مدد سان ٺاهي ٿو؟ ڪنهن به سماج کي سمجهڻ جو اهم بنيادي سوال آهي. ڇو جو پيداواري طور طريقو ئي، ان سماج جا سياسي، قانوني ۽ اخلاقي قدر مطعين ڪري ٿو. هتي فرد جي شعور جو سوال به اهم ٿي پئي ٿو. جنهن جي سماج ۽ تاريخ جي سمجهه ۾ صرف ثانوي حيثيت آهي جڏهن ته سماج جو پيداواري عمل خود فرد جي تخليقي، عملي شعور جي تقاضا ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته سماجي پيداوار جو عمل ٻه طرفو هوندو آهي. جيڪڏهن سماجي وجود سماجي شعور جو طعين ڪري ٿو ته سماجي شعور به سماجي وجود تي طئي ڪري ٿو. جيئن معيشت ۽ سياست جو تعلق ٻه طرفو هجي ٿو.

سرمائيداري جي اوسر به دراصل معيشت جي واڌ ويجهه جي تاريخ آهي. اڄوڪي سرمائيداري وارو مرحلو، جيڪو پنهنجو پاڻ کي سامراجيت جي صورت ۾ اظهاري رهيو آهي. ان تائين پهچڻ لاءِ لازم آهي ته مختلف وقتن ۾، دورن ۾، سماجن ۾ انهن معيشت جا، پيداوار جا، واپار جا، جنس جي مٽا سٽا جا، ڪهڙا ڪهڙا روپ رهيا آهن ان کي به پرکيو ۽ سمجهيو وڃي.

اوائلي اشتراڪي دور ۾ مادي پيداوار ۽ واپار جو جائزو

اوائلي اشتراڪي سماج جيئن ته اجا اوسر جي شروعاتي ڏاڪن ۾ هو ان ڪري پيداواري اوزار بنهه ساده هئا، نتيجن پيداوار پڻ بنهه سادي هئي، ۽ جيئن ته ان سماج ۾ اجا ذاتي ملڪيت جي اوسر نه ٿي هئي ان ڪري مادي ضرورت جي بنيادي شين جو جنس بذريعه جنس يعني اوائلي واپار جي بارٽر "Barter" شڪل جو هجڻ به ممڪن ئي نه آهي. تخليق ٿيندڙ هر جنس سماج جي گڏيل ملڪيت هئڻ ڪري، ڪوبه فرد، وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ واري عمل ۾ اچي ئي نه ٿي سگهيو.

غلامانه دورن ۾ واپار جي ٻيهڪ

اوائلي اشتراڪي سماج جي ڪُک مان ذاتي ملڪيت جي بنياد تي جنم وٺندڙ غلامانه سماج ۾ ٻهرين جي پيٽ ۾ پيداواري

اوزار ۽ پيداوار ۾ خود ڪجهه قدر بهتري اچي ٿي. مصر، يونان، توڙي رومي سلطنت تائين اسان کي ڪرنسي توڙي بارٽر سسٽم پئي نظر اچن ٿا.

غلامانه دور جي يونان ۾ جتي غلام خود انساني مرتبي کان گهٽ ليکبا هئا، اتي دستڪارن، هنرمندن، پورهيت، هاري ۽ واپارين ڏانهن نفرت جهڙو رويو به موجود هو. چو جو پورهيي کي نيچ سمجهڻ ان وقت جو قدر value هو. ان ڪري سقراط توڙي افلاطون، جيڪي غلامي کي ٺيڪ سمجهندا هئا. اهي واپارين لاءِ چوندا هئا ته يونان جو واپار ته ڪرڻ ئي غير يونانين کي گهرجي. سقراط ته انهن اسيمبلين ۾ موجود واپاري گرومندر سان پڻ نفرت ڪندو هو. جن جي جوهر ۾ لالچ پريل هوندي هئي. ان جو سادو سبب شايد اهو هو ته هر بنيادي ضرورت جي شين کان علاوه باقي موجود شين جي پرواهه نه ڪندو هو. ان ڪري هو Nothing in excess جو قائل هو. افلاطون اهي شهر جتي خود ڪفيل معيشت هوندي هئي. انهن شهرن کي صحت مند شهر چوندو هو. پر جڏهن اهي شهر واپاري مندين جا مرڪز بڻيا ۽ واپاري لالچ عام مروج ٿيڻ لڳي ته انهن شهرن کي هو بيمار شهر چوڻ لڳو.

ارسطو ته واپار کي ناجائز دولت چوندو هو. مٿئين ڏاهن جا ان قسم جي سوچ جو بنيادي سبب شايد، يونان جي شهري رياستن جو امير هجڻ، (جيئن ايٿنز ۾ چانديءَ جون کاڻيون وغيره) يوناني شهري رياستن جو پنهنجو پاڻ ۾ جنگيون ڪرڻ يا ايران سان جنگ ڪرڻ، ۽ حڪمران طبقي جو عياشين طرف راغب ٿيڻ ٿي سگهي ٿو. ساڳيو حال اسان کي رومي سلطنت جو به ملي ٿو. غلامن جي معيشت تي هلندڙ رومي سلطنت، فتوحات جو ڪٽيو کائيندي هئي. هتي پڻ واپاري طبقو، ندڙڪو، ڊنل ۽ ڪمزور رهيو. پورهيت، دستڪار هاري، غلام سڀ ذري گهٽ قابل نفرت ئي رهيا. غلام جي خريدو فروخت هجي يا ڪنهن جنسي جي خريداري، سڪو (ڪرنسي) رائج ٿي چڪو هو.

پيداوار خاص ڪري زرعي پيداوار غلامن کان ڪرائڻ ۽ پورهئي کي نفرت جي نگاهه سان ڏسڻ جي ڪري ئي هن سلطنت جا ڪي مادي پيداوار جا بنياد اسري سگهيا. جنهن جي انداز غربت ۽ جبر کي جنم ڏنو. جنهن ۾ هڪ طرف اسان گائيس برادران جون هاري بغاوتون ڏسون ٿا ته ٻئي طرف اسپارٽيڪس غلام جي بغاوت ڏسون ٿا. نتيجن سماج ۾ تمام گهٽي بک بدحالي ڦهلجي وڃي ٿي. جنهن جي بنياد تي ئي عيسائيت پنهنجا پير پختا ڪندي، اوسر ڪري ٿي.

جاگيرداراڻي دور ۾ اسرندڙ دستڪار ۽ واپاري

يورپ ۾ روم سلطنت جي ڊهڻ کان پوءِ جاگيرداراڻي سماج جي جڙت ٿئي ٿي. ساڳي وقت ڪليسائين پڻ جاگيرداراڻي بنيادن تي نه صرف اسري ٿي پر پنهنجي آمريت پڻ قائم ڪري ٿي. يورپ ۾ 400 A.D کان 1000 A.D جي وچ واري دور جنهن کي اونداهو دور (Dark ages) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جاگيرداراڻي دور هو. ان وقت جي تاريخ جو گهٽو بدامن دور رهيو آهي. دستڪار، يعني هٿ جو هنر ڪندڙ، مخصوص ڳوٺن ۽ شهرن تائين محدود آهي. واپاري کي واپار ڦهلائڻ لاءِ پنهنجي سر جو خير ۽ امن گهرجي جيڪو ان وقت اڻ لڀ آهي. صرف ضرورت کان واڌو پيداوار تي مٽا سٽا جي عمل ۾ ايندي هئي. ان ڪري ڪا خاص مارڪيٽ به نٿي جڙي. پوءِ به استاد ۽ ڪاريگر جي بنياد تي واپار آهستي آهستي هلڻ شروع ڪري ٿو. جاگيرداري سماج جي ٻئي دور ۾ حالتون گهٽي ڀاڳي تبديل ٿيڻ شروع ٿين ٿيون.

هي دور 1000ع کان 1400ع تائين ڦهليل آهي. جتي آهستي آهستي امن امان جي صورتحال بهتر ٿئي ٿي. امن امان جي ڪري، رابطن جو آغاز روڊ رستن جو نيٽ ورڪ جڙي ٿو. بادشاهه هاٿي پگهاردار فوجون رکڻ لڳن ٿا. امن امان بهتر ٿيڻ ڪري يورپ جا ماڻهو پنهنجي مذهبي عقيدن ۽ زيارتن لاءِ عرب ملڪن طرف يعني يروشلم وڃڻ لڳن ٿا. انهن زيارت ڪندڙن ۾ لڪيل طور واپاري به ويندا هئا. جيڪي واپسي تي اچي بادشاهن کي ٻڌائيندا هئا ته عرب ملڪن طرف واپار لاءِ خوشحال مارڪيٽ موجود آهن.

نتيجن مارڪيٽ تي قبضي لاءِ صليبي جنگين جو آغاز ٿئي ٿو. خاص طور تي ٽين ۽ چوٿين صليبي جنگ جو ته نالو ئي ڪمرشل صليبي جنگ پيو. هن جنگ لاءِ پادرين جهاد لاءِ هڪ طرف ”Serfdom“ يعني نيم غلام هارين کي استعمال ڪيو ته ٻئي طرف هنن واندن، توڙي ڏوهارين کي پڻ آماده ڪيو.

صليبي جنگ ۾ جيتوڻيڪ ڪٽيو ته مسلمانن پر ڪاياپلٽ وري يورپ خاص ڪري اٽليءَ جي شهرن فلورنس پسا وغيره جي ٿي. اهو ان ڪري جو اهو اٽليءَ ئي هو جتان کان جهادي سامونڊي جهازن وسيلي ويندا هئا. اٽلي انهيءَ لقاءُ جو مرڪز هو. نتيجن صليبي جنگين تان جڏهن نيم غلام هاري واپس وريا، ته انهن ساڳي serfdom نظام ۾ ويهڻ کان انڪار ڪيو ۽ شهرن ۾ مزدوري ۽ دستڪاري طرف وڌڻ لڳا. صليبي جنگ جي ڪري اٽليءَ ۾ خوشحالي اچي ٿي. جتان کان ئي هڪ طرف سائنس اوسر ڪري ٿي ته ٻئي طرف واپار وڌڻ لڳي ٿو ۽ اهڙي طريقي سان اٽليءَ کان ئي روشن خيالي يعني نشاط ثانيه جو دور شروع ٿئي ٿو. وڌندڙ واپار جي اهميت ڏسندي بادشاهن جي راضپي سان تجارتي ميلا لڳڻ لڳا. اڳتي هلي اهي ئي تجارتي ميلن واريون جايون، تجارتي مارڪيٽ يعني منڊين ۾ تبديل ٿي ويون ۽ انهن ميلن ۾ ويهندڙ ڪرنسي وارا جلد ئي بينڪن جو روپ حاصل ڪن ٿا.

اهڙي ريت يورپ ۾ اٽلي نئين واپاري طاقت ٿي اڀري ٿو. واپاري پنهنجيون گلڊ ”Gild“ يعني جماعتون جوڙين ٿا.

مرڪينٽلزم ”Marcantalism“ پابندين جا دور 1492 -1776

مرڪينٽلزم يعني واپاري سرمائي جي جمع ٿيڻ وارن پابندين وارن دورن کي ٽن مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهريون دور

اٽلي جي شهرن جي ترقي ڏسي، باقي يورپ جي شهرن کي به اهو پور ورائي ويو ته نوان سامونڊي رستا ڳولي، وڻج واپار تي قائم اٽلي جي شهرن جي هڪ هٽي ٽوڙجي. ان سلسلي ۾ پورچوگيز وارن واسڪو ڊي گاما ۽ اسپين جي راڻي، ڪرسٽفر ڪولمبس کي انهيءَ مهم تي روانو ڪيو. نتيجي ۾ آمريڪا 1492 ۾ دريافت ٿيو ۽ انڊيا جو رستو 1798 ۾ ڳولي لڌو ويو. جنهن ڪري سمورو يورپ نين دنيائين يعني بيٺڪتين کي ڦولڻ نڪري پيو. جلد ئي سموري دنيا جو نقشو تبديل ٿي ويو. هڪ دم ڦرلٽ ۽ واپاري مارڪيٽ جون نيون راهون هموار ٿين ٿيون. آمريڪا توڙي لاطيني آمريڪا جي خطن مان، ڪاٺين مان، سون حاصل ڪيو ويو ۽ جيئن ته هي سماج اڃا قبائلي يا وري قبائلي اوائلي اشتراڪي ڏاڪي ۾ هئا، ان ڪري يورپ وارن لاءِ هنن کي مارڻ ۽ ڦرڻ ڪو گهڻو ڏکيو ڪونه هو ۽ انڊيا جهڙا ملڪ جتي سماج وڌيڪ اسريل هو. اتي هنن ڦرلٽ جا جديد طريقه استعمال ڪيا.

نتيجن يورپ هڪ طرف سون

حاصل ڪرڻ، ۽ جمع ڪرڻ واري عمل ۾ سوپارو ٿيڻ لڳو ته ٻئي طرف ڪلنڊڙ مارڪيٽ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ گلڊ ناڪافي ثابت ٿيو. جنهن جي جڳهه جلد ئي مينوفيڪچرنگ نظام سنڀالي، جنهن کي puttingout سسٽم پڻ چئجي ٿو. سون جي اچڻ جي ڪري، پهرين مرحلي ۾ ته يورپ ۾ خوشحالي اچڻ لڳي. ساڳي وقت انگلينڊ ۾ خاص ڪري اُن جي قيمتن ۾ اضافو ٿئي ٿو. جنهن جي ڪري وڏا وڏا جاگيردار پنهنجين پنهنجن زمينن تان هارين کي بي دخل ڪري، رڍن جا ڌڻ پالين ٿا. جن لاءِ هنن کي تمام گهٽ ماڻهن جي ضرورت پيئي. هارين جي بي دخلي انهن شهرن طرف ڪٽي ويئي. جتي ڪجهه ته مارڪيٽ ۾ مزدوري ۾ کپي ويا. باقي بک، بدحالي، ڏوهه جي ور چڙهڻ لڳا.

بادشاهن ۽ واپارين جو روز بروز ناهه مضبوط ٿيڻ لڳو. جڏهن ته ٻئي طرف جاگيرداري ۽ ڪليسائيت واري جاگيرداري هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچڻ شروع ٿين ٿا. سماج، قومن جي تشڪيل ۽ قانون جي وڏيڪ پختي جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪري ٿو.

ٻيو مرحلو

واپاري سرمائي جي گڏ ٿيڻ واري ٻئي مرحلي ۾، سون گڏ ڪرڻ واري روش پنهنجا نتيجا ڏيڻ شروع ڪيا. ٿئي چا ٿو جو جن به ملڪن سون گڏ ڪرڻ واري ڊوڙ شروع ڪئي ته انهن ملڪن ۾ سون جي ڪري زندگي جو معيار بلند ٿيڻ لڳي ٿو ۽ شيون مهانگيون ٿيڻ لڳن ٿيون. ٻئي طرف آمريڪه جي ڪاٽين مان سون نڪرڻ وارو عمل انتهائي سست ٿي وڃي ٿو. جنهن لاءِ وڏيڪ مزدور ۽ وڏيڪ اجورو گهربل هو. ساڳي وقت يورپ ۾ ڪنڊ جو بحران شروع ٿئي ٿو ۽ ڪنڊ گهڻي مهانگي ٿي وڃي ٿي.

انهيءَ بحران جو حل تاريخ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ”غلامي“ جي اداري کي آڏي پورو ڪيو ويو. آفريڪي ڪنڊ جي ملڪن جي ساحلي علائقن مان زبردستي مرد غلام پڪڙڻ جو عمل شروع ٿئي جيڪو جلد ئي آفريڪي سماج جي سردارن جي مدد سان بهتر واپار بنجي وڃي ٿو. انهن غلامن کي هڪ طرف ته سون جي ڪاٽين ۾ ڏينهن رات پورهيو ڪرڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو ته ٻئي طرف وري انهن حاصل ڪيل ٻيٽڪيتن ۾ ڪمند جي پوکي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

هڪ اندازي موجب 1800ع ڌاري ٿائين روزانه هڪ لک غلامن جي خريد و فروخت جو سلسلو هلندو هيو. هاوربزن جي بقول هڪ اندازي مطابق 5 ڪروڙ آفريڪي باشندن جي موت ۽ غلامي تي يورپي تهذيب جا بنياد پيا.

ٽيون مرحلو

هن مرحلي ۾ واپاري طبقو باقاعده قوت جي صورت ۾ هڪ فيصله ڪن ڌر ٿي اڀري ٿو. قومن جي نهڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو. قومي ٻولي، قومي ثقافت، قومي مارڪيٽ جو عمل شروع ٿئي ٿو. هر ملڪ پنهنجي مارڪيٽ مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو. ان ڪري هر ملڪ قوم پرستي واري عمل مان به گذري ٿو. هر ملڪ چاهي ٿو ته هو سون گڏ ڪري رکي. وڌ کان وڌ سامان برآمد ڪري، گهٽ کان گهٽ مال درآمد ڪري ۽ ان لاءِ هن درآمد ٿيندڙ مال تي ٽيڪس ۽ پابنديون هڻڻ شروع ڪيون. ٻيٽڪيت جي اپرندڙ صنعتن کي ترتيب وار ختم ڪيو ويو. جنهن جو مثال ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ انگلينڊ خود آهن. انگلينڊ پنهنجي ملڪ جي ڪپڙي جي صنعت بچائڻ لاءِ انڊيا جي ڪپڙي جي دستڪاري جي سموري صنعت تباهه ڪئي. ٻورن لفظن ۾ ايئن چئجي ته مرڪينٽلزم واپاري پابندين جو نالو آهي ۽ ساڳي وقت، قزاقي حملن، غلامن

جي واپار ۽ بينڪيٽن جي ڦرلٽ جي ذريعي دولت جمع ڪرڻ جو نالو آهي. انهيءَ عمل ذريعي جيڪا دولت يورپ جي سامراجي ملڪن گڏ ڪئي. ان کي Accumulation of capital يعني اجتماع زر چئجي ٿو. جيڪو بنياد آهي. صنعتڪاري لاءِ.

ان سموري استحصال، ڦرلٽ کي يورپ وارن سياسي ميدان ۾ اهو چئي، جسٽيفاءِ ڪيو ته دنيا کي تهذيب يافته بنائي رهيا آهيون. اهو ته حڪمرانن جو طرز بيان هو پر ساڳئي وقت آئيڊيالاجي طور تي پڻ ڪيترن ئي دانشورن ان سماج کي اظهاريو.

مثال طور ميڪاولي جيڪو اٽلي جي زوال جو شاهد هو. ان لاءِ ملڪ، بادشاهه، رعايا کي هڪ وحدت ڪري ڪٺي هلڻ لازم بنجي پوي. ان لاءِ ئي حڪمرانن کي عوام کي مختلف حربن سان قابو رکڻ جون صلاحون ڏيندو ٿو رهي.

ساڳي وقت انگلينڊ جو ٿامس مور، جيڪو "احاطه بندي" يعني هارين جي بي دخل ٿيڻ جي دور جو شاهد آهي، ان ڪري هن جي ڪاوڙ پڻ جاگيردار طبقي تي جائز آهي. پنهنجي يوٽوپيا ناول ۾ هو اها ڳالهه واضح ٿو ڪري ته معاملو صرف چور کي سزا ڏيڻ جو ناهي، پر اصل سوال ته چوري ڪرڻ جي پٺيان لڪيل بک آهي.

Lassiz Fair اڪيلو ڇڏيو ۽ آزاد معيشت جو نعرو، 1800ع – 1700ع

مرڪينٽلزم جي آخري ڏهاڪن ۾ بحرانن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. مثلن پيداوار جو گهٽ ٿيڻ، لوهه، ڪپڙو، وغيره مهانگو ٿيڻ، مهانگائي، بک ۽ بدحالي جا فساد، برازيل مان سون جو نڪرڻ جوعمل سست ٿيڻ، پيپر ڪرنسي جو جاءِ والارڻ، بينڪن جي قرض جو هيٺ مٿي ٿيڻ وغيره وغيره پر انهن سڀني کان اهم رڪاوٽ، بار يا مونجهارو هڪ ئي اهم شيءِ هئي ۽ اها پابندين جي گهٽ پوسٽ وارو ماحول. اهڙي ماحول کي سڀ کان پهرين فرانس جي فزيوڪريٽس Physio crates يعني فطرت پسندن ئي چيلينج ڪيو. اهو نعرو فزيوڪريٽس جي ابي "فراسسز ڪوئيزني" هنيو ته هاٽي گهٽو ٿيو. ان ڪري اسان کي اڪيلو ڇڏيو "Lassiz Faire".

فرانس مان فطرت پسندن جي اڀرڻ جو واضح سبب اهو هو ته ان وقت جڏهن باقي يورپ جي ملڪن، مينوفيڪچرنگ واري Putting out سسٽم کان صنعت طرف ترقي پئي ڪئي، ان وقت فرانس ۾ مشڪل سان ٻه لک مزدور هئا، باقي ٻه ڪروڙ، ويهه لک جي قريب آبادي هاري ۽ زراعت سان جڙيل هئي.

فرانس ان وقت ٻٽي عذاب جو شڪار هو. هڪ طرف ڪلسائيت ۽ جاگيرداري، ٻئي پاسي بادشاهي، آمريت، مٿان وري سدائين حد کان وڌيڪ خوراڪ برآمد ڪرڻ ڪري، هميشه عوام اٽي لاءِ پريشان، بک ۽ بدحالي عوام کي نپوڙيو ويٺي هئي. اٽي فطرت پسندن جو چوڻ هو ته زراعت ۽ هاري ئي اصل دولت آهن. هاري دولت پيدا ڪندڙ آهي. مزدور سُنڍ آهي ۽ ملڪ جيڪڏهن وڌ کان وڌ برآمد Export ڪندو ته هڪ ڏينهن ملڪ تباهه ٿي ويندو.

فزيوڪريٽس کان پوءِ جنهن بنيادي طور مرڪينٽلزم جي سون گڏ ڪرڻ کان ويندي سخت ترين پابندين واري ميڪنزم کي ڌڪ هنيو. اهو هو آدم سمٿ جي "آزاد ملڪيت" جو نعرو.

آدم سمٿ (1790- 1723) جو چوڻ هو، معيشت جو ڪاروبهوار رياست جي پابندين ۽ قانونن کان آزاد هئڻ گهرجي، صرف هڪ طرف سون ملڪ ۾ جمع ڪرڻ سان سرمايي ۾ اضافو گهٽ بلڪ مهانگائي کي وڌيڪ جنم ڏيئي ٿو. هن جو اهو پڻ چوڻ هو ته مزدور جي گهٽي آبادي ڪري،

مارڪيٽ ۾ مزدور هميشه گهٽي مقدار ۾ موجود رهي ٿو. ان ڪري هن کي اجورو پڻ گهٽ ملي ٿو. هن اهو به چيو ته سماج کي فرد جو ذاتي مفاد جيڪو اجتماعي مفاد ۾ بدلجي ٿو، سو ئي هلائي ٿو.

هڪ طرف جتي پابندين جي خلاف معيشت کي آزاد ڪرائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون ته ٻئي طرف فرانس ۽ برطانيه ڪيترن سالن کان جنگ مان آجا ته ٿين ٿا پر ٻنهي جي معيشت تي بحراني اثر نه پيل آهن. ٻئي ملڪ ڳرن قرضن ۾ جڪڙيل آهن. برطانيه پنهنجي چيلهه سڌي ڪرڻ لاءِ پنهنجي آمريڪي ڪالوني مٿان نوان ٽيڪس مڙهي ٿو. جنهن تي آمريڪي واپاري جيڪو آمريڪا اندر تمام وڏي طبقاتي مزاحمت کي منهن ڏئي رهيو هو ۽ جان ڇڏائڻ لاءِ بهاني جو متلاشي ٿيو وينو هو، ان بغاوت ڪئي ۽ 1776ع ڌاري آمريڪا آزادي ماڻي. جڏهن ته ساڳي وقت برطانيه ميڪسيڪو ۾ چاندي جي کاڻين ۾ وڏيڪ جبر کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو ته ميڪسيڪو ۾ بغاوت ٿي. نتيجن برطانيه رت چوسڻ جو سمورو زور هندستان تي ڏنو ۽ ان جي استحصال کي پيٽو ڪيو. جڏهن ته ٻئي طرف فرانس ۾، پنهنجي داخلي ۽ خارجي بحرانن جي بنيادن تي 1789ع وارو انقلاب اچي ٿو ته ساڳي وقت مينوفيڪچرنگ واري هلنڊڙ معيشت کان پوءِ صنعتي پهريون انقلاب 1760 ڌاري تڪميل ماڻي ٿو.

پيداواري اوزارن جي ترقي ۽ صنعتي انقلاب

اهو سوال هميشه اهم رهيو آهي ته آخر صنعتي انقلاب انگلينڊ ۾ ڇو آيو. اهو ان ڪري ته هڪ طرف انگلينڊ مرڪينٽلزم واري دور ۾ ”اجتماع زر“ وارو مرحلو طئه ڪيو ته ٻئي طرف پيداواري اوزارن جن تي صنعتي نظام کي بيهٽو هيو ان جي ترقي پڻ انگلينڊ ۾ ٿئي ٿي ۽ جهڙي ريت اٽليءَ واپاري خوشحالي نشاط ثانيه ۽ سائنس جي اوسر ٿئي ٿي. جتي سائنس تارن جي علم کان شروعات ڪري ٿي، ڇو جو تارن جو علم جهاز راني لاءِ اهم هو.

اهڙي ريت اسان ڏسون ٿا ته 1650ع ڌاري برطانيه ۾ پٿر جو ڪوئلو لڀي ٿو. جن جي کوٽائي ۾ هڪ مسئلو پيدا ٿئي ٿو، جنهن تحت کاڻين ۾ پاڻي ظاهر ٿئي ٿو. جنهن سان ڪوئلي جي کوٽائي ۾ رنڊڪ اچي ٿي. انهيءَ مسئلي تي هڪ مقامي مستري ”نيوڪومين“ ڪم ڪري ٿو ۽ 1707ع ۾ پهريون ٻاڦ جو انجڻ ٺاهڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. جنهن ۾ تمام گهٽيون خاميون پڻ هونديون آهن. ساڳي سال اباهام ڊربي نالي مستري ديڳ جو لوهه يعني ”Cast Iron“ کي پاڻي جيان ڳارڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. جنهن ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي 1760ع ڌاري جيمز واٽ ٻاڦ جي انجڻ ٺاهي ٿو. ساڳي وقت ڪپڙي جي صنعت ۾ پڻ هرگريوز، ڪرومپٽن، انقلابي تبدليون آڻين ٿا. اهڙي ريت پيداواري اوزارن جي جديد ارتقا، انگلينڊ ۾ صنعتي انقلاب جو پوراءُ ڪري ٿي.

نه صرف ايترو پر خود انگلينڊ جو اندروني سماجي معاملو پڻ بهتر نموني استوار ٿيل هو. جيئن انگلينڊ ۾ ٻارهين، تيرهين صدي ۾ ٻن يونيورسٽين جو قيام، جن ۾ پهرين ته مذهبي تعليم ڏني ويندي هئي. بعد ۾ سيڪيولر ۽ پوءِ سائنسي تعليم. ساڳي وقت هائوس آف لارڊس بادشاهه سان magna carta ٺاهه ڪري، بادشاهه کي سڀ معاملا پاڻ هلائڻ کان روڪي ورتو.

ڪجهه وقت کان پوءِ هائوس آف ڪامنز وري بادشاهه جي ”الهامي“ Divine حق کي رد ڪندي، بادشاهه کي ڦاهي چاڙهيندي، 1662ع ۾ جاگيرداري جو خاتمو آڻي ڇڏيو. ساڳي وقت ڪجهه واپارين گڏجي مختلف ڪمپنيون

ٿاهڻ شروع ڪيون جيئن ايسٽ انڊيا ڪمپني، ماسڪووي ڪمپني وغيره، جن واپار مان ناڻو ڪمائي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو.

صنعتي سرمائي جي مقابلي بازيءَ جو دور
1880ع – 1790ع

جڏهن سماج آزاد معيشت جي بنيادن سان، صنعتي انقلاب آڻي، سرمائيداري جي ڪلاسيڪل دور ۾ شامل ٿئي ٿو. جاگيرداري کي تاريخ جي ورقن ۾ دفن ڪري ٿو، بادشاهن جي وجود جي مڪمل تڏا ويڙهه ڪري ٿو ۽ هاڻي سياسي طاقت، سياسي اختيار پڻ پاڻ حاصل ڪري ٿو. ان ڪري معيشت جو عڪس سياست ۾ اظهارجي ٿو.

هاڻي سرمائيداري دور هڪ طرف سرمائيدار طبقي کي ۽ ٻئي طرف مزدور طبقي کي جنم ڏئي چڪو آهي. سرمائيدار پنهنجي نظام جي بقا لاءِ پنهنجا قانون، اخلاقيات متعارف ڪري چڪو آهي. هاڻي وڏيون وڏيون صنعتون صرف جنس نٿيون پيدا ڪن، بلڪه ساڳي وقت مزدور خود هڪ جنس جي حيثيت سان خريدجي ٿو ۽ پنهنجي پيداوار واري پوري عمل ۾ ويڳاڻو ٿئي ٿو.

صنعتي سرمائيدار جي بي انتها جبر، مزدورن کي ٽريڊ يونين جي سياست طرف وڌي وڃي ٿي. ٻئي طرف وري سياست ۾ يوٽوپيائي سوشلسٽ ميدان ۾ لهن ٿا. جيڪي سماج جي بنياد ۾ لڪيل ذاتي ملڪيت جي خاتمي جي ڳالهه ڪرڻ بجاءِ، مفاهمتي سياست جي ڳالهه ڪندا هئا.

هڪ هٽين ”Monopolies“ جا دور
1914ع – 1880ع

جڏهن سرمائيدار ڏٺو ته اهي مقابلي بازي جي ناليَ هڪ ٻئي جي صنعت کي تباهه ڪري رهيا آهن ته جلد ئي هنن پير سنڀالي ورتا ۽ جنسن جا اگهه ڪيرائڻ واري عمل کي روڪڻ لاءِ، مارڪيٽ ۾ پنهنجي منافعي کي برقرار رکڻ لاءِ هاڻي هنن گڏيل عمل ذريعي، هڪ ڪان وڏيڪ صنعتڪارن گڏجي، سينڊيڪيٽ، ڪارٽيلز، ٽرسٽ ۽ ڪمپنيون جوڙڻ شروع ڪيون، انهيءَ عمل ۾ پڻ جبر ڪان ڪم پڻ ورتو ويو.

هن دور ۾ صنعتي سرمايي سان گڏ بينڪ جو سرمايو پڻ اسري اچي ٿو. جيڪي ٻئي پاڻ ۾ ملي، گڏ جوڙ ڪري، مالياتي سرمائي کي جنم ڏين ٿا. اهو مالياتي سرمايو هاڻي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نڪري ٿو. هن ئي دور ۾ دنيا جي بندرٻانٽ جو عمل هڪ دفعو ٻيهر تيز ٿئي ٿو ۽ چند سامراجي ملڪ دنيا جي 85 سيڪڙو علائقي تي قابض ٿي وڃن ٿا. لينن مالياتي سرمائي کي سرمائيداريءَ جي آخري شڪل ”سامراجيت“ قرار ڏنو.

انهيءَ دور ۾ مارڪس ازم جو اڀار ٿئي ٿو. جيڪو واضح ڪري ٿو ته سماج هاڻي ذاتي ملڪيت جي بنياد تي ڪنهن ٻئي نئين نظام ۾ منتقل نٿو ٿي سگهي بلڪه هن سماج ته پنهنجي سماج جي تڏا ويڙهه ڪندڙ، پرولتاري ”مزدور“ طبقي جو جنم ڏئي چڪو آهي اهو مزدور طبقو، سرمائيدار طبقي جو گورڪن آهي جيڪو ذاتي ملڪيت جو خاتمو آڻيندو ۽ پنهنجي آمريت مڙهيندو.

مقابلي بازي جي آزاد پاليسي، جيڪا هنن پٺين دورن ۾ وڙهي ورتي هئي، جلد ئي پنهنجا خراب نتيجا ڏيڻ شروع ڪيا.

هڪ صنعتڪار ٻئي صنعت ڪار کي شڪست ڏيڻ لاءِ، ان جي مارڪيٽ تي قبضي ڪرڻ لاءِ، جنسن جي قيمتن کي ڪيرائڻ شروع ڪيو ۽ جنسون جيڪي پهرين مرحلي ۾ پنهنجي اصل لاڳت کان تمام گهٽو مٿي وڪاميون هيون. اهي مقابلي بازي ڪري قيمتن ڪيرائڻ ڪري، پنهنجي اصل

قيمتن جي بلڪل ويجهو وڪامجڻ لڳيون. نتيجن صنعتڪارن جو ديواليو نڪرڻ جو عمل شروع ٿيو.

سامراجيت پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين ڪان پوءِ اجا مختصر مرڪز وٽ سنڀالجي ٿي. ٻنهي عالمي جنگين هڪ دفعو تاريخ ۾ رياست جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ۽ رياست معيشت ۾ باقائدي مداخلت ڪرڻ شروع ڪئي.

ٻي عالمي جنگ، جنهن آمريڪا کي وڏو سردار سامراج ٿيڻ جو موقعو ڏنو ان خاص ڪري، ٽين دنيا جيڪا قومي آزادي جي تحريڪن، انقلابن سان رنگيل هئي، کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ، نون ادارن جي باقاعده پلاننگ ڪئي، جن کي پاڻ ورلڊ بئنڪ، آئي ايم ايف ۽ ناٽو جي نالي سان سڃاڻون ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ اسان جديد بيئڪيت جو لفظ استعمال ڪندا آهيون.

تبديليءَ جي راهه ڏانهن هڪ آزاد سوچ

تحريم سرهيو

هن سماج جو اڏيندڙ انسان آهي. جهڙيءَ طرح انسان جي ٻاهر هڪ سماج زنده آهي تهڙيءَ ئي طرح انسان جي اندر به هڪ سماج جو عڪس هوندو آهي جنهن سماج ۾ هو جيئي ٿو. جهڙيءَ طرح هي سماج هڪ متضاد حقيقت آهي تهڙي ريت انسان جو انداز به متضاد خيالن، نظرين کي عام طور تي پالي ٿو.

جيئن مائوزي تنگ لکي ٿو:

″انساني ذهن منجهه، هڪ ٻئي سان واسطو رکندڙ هڪ ٻئي کان ڌار ڌار، هڪ ٻئي کان مختلف، هڪ ٻئي جي ابتڙ، هڪ ٻئي سان وڙهندڙ، هزارين قسن جا خيال پيدا ٿيندا، جنم وٺندا رهن ٿا.″

اها ڳالهه ياد رکجي ته انسان جي سوچ ۽ ان جا نظريه ان جي آس پاس موجود سماج طئي ڪري ٿو. اڀرندڙ سوچن ۽ نظرين جي تضاد ۾ ئي انسان جي سماجي سياسي ڪردار جو تعين ٿئي ٿو. جيڪي سماج کان ڪٽيل نه بلڪ ان جي اثر جو نتيجو هوندا آهن. هر انسان هن سماج ۾ تبديليءَ جي چاهه سان پنهنجي تضادن، زندگيءَ جي پيڙاهن ۾ تڪليفن کي سلجهائڻ ۾ غرق لڳو پيو آهي.

مائوزي تنگ مطابق:

″جيڪا ڳالهه، جيڪو به خيال، تصور، عڪس، احساس يا عمل جنم وٺي ٿو ان کي ٺيڪ ڪرڻ درست ڪرڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ انساني ذهن هر گهڙي مصروف رهي ٿو.″

اسان ڏسون ٿا ته هڪ انسان هن سماج ۾ تڪليفن، غلاميءَ کان آزاديءَ جي چاهه ۾ مختلف ڪم ۽ عمل سرانجام ڪري ٿو. جيئن اسان هڪ پورهيت کي نه چاهيندي به پنهنجي جسماني سگهه جو استعمال ڪرائيندي ڏسون ٿا. هڪ عورت کي نه چاهيندي به پنهنجي جسم کي وڪڻندي ڏسون ٿا ۽ هڪ غلام کي پنهنجي آقا جي آقائيت هيٺان جبر سهندي ڏسون ٿا پر سڀ کان وڏيڪ اسان اهو به ڏسون ٿا ته اهي انسان پنهنجي سماجي پيڙاهن جي خاتمي لاءِ مختلف جتن ڪندي پيڙاهن کان آزادي حاصل نه ڪري سگهندا آهن.

منهنجي خيال ۽ ذهن ۾ هزارين تضادن مان هڪ تضاد سوال بڻجي پڇي ٿو ته آخر ان جو ڪارڻ ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ان تضاد کي حل ڪندي هي جواب ملي ٿو ته ان جو ڪارڻ هي سماجي سرشتو آهي. جنهن جا مادي بنياد خود انسان جي پيداوار هوندا آهن ۽ خود انسان ئي انهن نظرين ۽ خيالن جو غلام بڻجي پوندو آهي جيڪي انهيءَ نظام جي روحاني پاسي کي اظهاريندا آهن. هڪ عام انسان سماجي تضادن، خيالن ۽ نظرين جي اثر هيٺان رهي ڪري پنهنجا مختلف عمل سرانجام ڏئي ٿو. بلڪه ائين ڪٿي چئجي ته اسان جي سماج ۾ انسانن جا جيڪي عمل ٿي رهيا آهن اهي ان سماجي سرشتي ۾ موجود مادي تضادن، خيالن ۽ نظرين جو نتيجو ٿي پوندا آهن. جنهن جي اڳيان انسان پنهنجو پاڻ کي هيڻو سمجهي ٿو. هڪ عام انسان اها ڳالهه سمجهي ٿو ته سماجي مامرا تبديل ٿيندا رهن ٿا پر تبديليءَ جي راهه تان گذرڻ وارو عمل الاهي پيڙاهي وارو عمل آهي. ڇاڪاڻ ته انسان پنهنجو پاڻ کي ان سماج ۾ سماجي سرشتي سان ائين ڳنڍي ۽ جڪڙي ڇڏيندو آهي جو خود سماجي سرشتو ان

جي مٿان حاوي ٿي ان کي تبديليءَ جي راهه ڏئي وڃڻ کان اهڙيءَ طرح روڪي ٿو، سندس ذهن ئي آزاد ٿيڻ کان ڊڄي پوي ٿو. هن سماج کي هلائيندڙ اسان ئي آهيون ۽ اسان ئي هن سماجي سرشتي کي تبديليءَ جي راهه ڏانهن وٺي وڃڻ وارا هٿ آهيون. اهو انساني پورهيو ئي آهي جيڪو هن سماج کي هلائي ۽ تبديل ڪندو رهي ٿو ۽ نتيجتن انسان پاڻ کي به تبديل ڪندو رهي ٿو.

انساني آزاديءَ ۽ تبديليءَ لاءِ اهو انتهائي ضروري آهي ته پهريان هو پنهنجو پاڻ کي انهن خيالي نظرين ۽ تضادن مان ٻاهر ڪڍي. تڏهن ئي انسان هن سماج ۾ پنهنجي جڳهه ۽ ذميواري کي سمجهي سگهندو بيشڪ هن سماج مايوسي ۽ پيڙاهن سان پريو پيو آهي پر اها ڳالهه هميشه ياد رکجي ته انسان انهن پيڙاهن ۽ مايوسين کي سموئڻ جو ڳر آهي. ان جو مثال سڀ کان وڏو اهو ئي آهي ته هو پنهنجي اندر پوري سماج کي سموئي ڇڏي ٿو. اتي هڪ سوال اڀري ٻاهر اچي ٿو ته آخر اهو ڪير طئي ڪندو ته جيڪو سماج انسان پنهنجي اندر سموئي ٿو اهو خيالي آهي يا عملي؟ بلڪل اهو خود انسان ئي طئي ڪندو. ان لاءِ انسان کي سڀ کان پهريان ڄاڻڻ جي عمل مان گذرڻو پوندو آهي. ڄاڻڻ جو عمل به پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏو پيچيده عمل آهي. اها ڄاڻ هي آهي جيڪا انسان کي تبديليءَ جي عمل مان گذاري حقيقت ڄاڻڻ جي چاهه وجهي ٿي. اها ڳالهه ياد رکجي ته ڄاڻ ۽ ڄاڻن جو عمل خود هڪ آزاد عمل هوندو آهي. جيڪڏهن ڄاڻ ۽ ڄاڻڻ جو عمل ڪنهن سماجي سرشتي جي طابع هوندو ته اها ڪڏهن به هڪ آزاد سوچ کي جنم نه ڏئي سگهندو. ان لاءِ ڄاڻ ۽ ڄاڻڻ جي عمل کي آزاد هجڻ لازمي آهي تڏهن ئي هڪ آزاد سوچ سان آزاد ۽ تبديل ٿيل انسان جنم وٺندو.

هڪ آزاد ۽ تبديل ٿيل انسان هميشه تبديليءَ جي ڳولا ۾ هوندو آهي. ان لاءِ اهو هميشه ڄاڻن جي عمل ۾ هوندو آهي. ڄاڻڻ ته تبديليءَ جي لاءِ اهو ضروري آهي ته انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي. جيئن سقراط چئي ٿو "Know thy self" "پنهنجو پاڻ کي سڃاڻيو" جي انسان پنهنجي اندر موجود تضادن کي سڃاڻي ويو تڏهن هي هو هلندڙ سماج کي سڃاڻي سگهندو. پنهنجي تضادن کي سلجهائڻ سان گڏوگڏ سماجي ۽ طبقن کي سلجهائي سگهندو. سماجي تبديلي ۽ صحيح اڏاوت لاءِ سڀ کان پهريان پنهنجو پاڻ کي هڪ بيمار انسان مان ڪڍي هڪ توانو ۽ سماجي انسان بنائڻو پوندو آهي. هڪ سماجي انسان پنهنجو پاڻ کي هيٺو نه پر زندگيءَ جي اميد سان تبديليءَ جي ڳولا ۾ هميشه جاڪوڙ ڪندو رهندو آهي. هڪ آزاد ۽ سماجي انسان پنهنجي عملن تي تنقيدي "Critical" هئڻ سان گڏوگڏ سماجي نظام تي به تنقيدي "Critical" هوندو آهي. هڪ تبديل ۽ آزاد انسان لاءِ اهو ضروري آهي ته هو هميشه پر اميد ۽ زنده دل هجي. خبر هجيس ته هڪ سماجي انسان سماجي پيڙاهن، مايوس ۽ ڏکن کي سموئڻ جو هڪ وڏو کوهه آهي جي چاهي ته اهي پيڙاهن، مايوسين ۽ ڏکن کي اهڙيءَ طرح جذب ڪري سگهي ٿو جو هو هڪ ٿي يا هم آهر ٿي سماج کي اهڙو اثر وجهن جو خود سماج تبديل ٿيڻ جي چاهه کي جنم ڏئي. هڪ سماجي انسان ان ڊاڪٽر وانگر هوندو آهي. جيڪو ماڻهن جي بيمارين کي ته سلجهائڻ چاڻي ٿو پر هو پنهنجي اندر جي بيمارين کي به ٺيڪ ڪندو رهندو آهي يعني چئي سگهون ٿا ته اهو به ڪو

بيمارين کان پاڪ نه هوندو آهي. بيماريون سندس جسم جو به حصو هونديون آهن. انهن بيمارين کي ختم ڪري ٻاهرين ماڻهن جي بيمارين کي ٺيڪ ڪندو رهندو آهي. ڇاڪاڻ ته سندس آزادي هجي يا غلامي پنهي جا بنياد سماجي هوندا آهن.

ان سڄي عمل ۾ پيار ۽ نفرت جو عنصر تمام ضروري آهي. سماجي پيڙائن سان نفرت ۽ ان آزادي ۽ تبديليءَ جي عمل ۾ هلندي ظلم جي صورتحال کي ختم ڪرڻ جي چاهه سان پيار انتهائي ضروري هوندو آهي. جيڪڏهن هڪ انسان سماج سان پيار نه ڪندو ۽ سماجي زندگين سان پيار ئي نه ڪندو ته پوءِ تبديليءَ ۽ آزاديءَ جو چاهه ئي ڇو اڀرندو؟ بيشڪ تبديليءَ جي راهه تمام ڏکي آهي پر نه وسارجي ته تبديل ٿيڻ ئي انسان جو اصل مقصد ۽ راهه آهي انسان تبديليءَ جو نتيجو آهي ۽ تبديلي انسان جي عملن جو نتيجو آهي. اهي ٻئي هڪ ٻئي جا سبب ۽ نتيجا آهن.

ان ڪري اسان سڀني کي تبديل ٿيڻ کان ڊڄڻ نه گهرجي ته جيئن اسان مان هڪ آزاد سوچ جنم وٺي ۽ اها سماجي سرشتي سان، اوسر سان مطابقت ۾ هجي.

بقايا: يونان ۽ فرانس جي چونڊن جو تنقيدي جائزو

هولينڊ جي سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ مفاهمتي اصليت کي هميشه اگهاڙو ڪندي رهندي، عوام اندر پاڙن کي مضبوط ڪجي. فرانس ۽ يورپ جي حقيقي ڪميونسٽ تحريڪ جو هاڻ اهو ئي فرض آهي. لينن پنهنجي هڪ آرٽيڪل ۾ اهڙن اڳواڻن لاءِ ڪجهه هيئن لکيو آهي.

"It has always been the case in history that after death of revolutionary leaders popular among oppressed classes, their enemies try to assume their names in order to oppress the classes. (1916)"

اهو به بلڪل ممڪن آهي ته يورپ جا سرمائيدار پنهنجي عوام کي انهن جا پنهنجا ٺاهيل ٺڪيل انقلابي ڏئي جيئن 4 سال پهرين آمريڪا جي عوام کي اوبامه ڏنو ويو هو. ائين ڪرڻ جو سبب اهو هوندو آهي ته سرمائيدار پنهنجي مفادن کي ضرب ڏيڻ نه چاهيندا آهن. يورپ ۾ ٿيندڙ بحران ۽ يونان، ۽ فرانس جي اليڪشن ۾ ڪاٻي ڌر جو ڪٿي اڇڻ هڪ مثبت عمل ضرور آهي پر اسان اها ڳالهه به نه وساريندا سين ته سرمائيدار پنهنجي هٿ جا سوشلسٽ ٺاهي رڙيون ڪندڙ ۽ روئيندڙ عوام کي لالي پوپ ڏئي ڇڏيندا آهن.

چيني سماج جو طبقاتي جائزو

(مارچ 1926)

ڪامريڊ مائوزي تنگ

سنڌيڪار: فيض ڪيريو

”چيني سماج جو طبقاتي جائزو، ڪامريڊ مائوزيتنگ جي بهترين لکڻين منجهان هڪ آهي. 1926ع ۾ ورتل انهيءَ طبقاتي جائزي جي سچائي، چيني سماج اندر بعد ۾ پيدا ٿيل سياسي اٿل پٿل ۽ ”ڪومنتانگ“ جي مجموعي اوليتن منجهان به ثابت ٿئي ٿي. ٿوري گهٽي فرق سان هي طبقاتي جائزو، سنڌ جي سماج جي به عڪاسي ڪري ٿو. مائو جي هن لکڻي جي مدد سان سنڌ جي سياست جي طبقاتي ڪردار جو به بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ حقيقي عوام دوست ۽ عوام دشمن قوتن جو به پتو پوي ٿو.“ (ادارو)



ڪهڙا ماڻهو اسان جا دشمن آهن؟ ڪهڙاماڻهو اسان جا دوست آهن؟ هي سوال، انقلاب لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ماضيءَ جي جدوجهد جي اها ڪمزوري هئي جو حقيقي دشمنن خلاف، حقيقي دوستن سان ٻڌي قائم نه ٿي سگهي. هڪ انقلابي پارٽي عوام جي رهبر آهي. جيڪڏهن پارٽي ڪنهن اهم معاملي تان ٿڙي پوندي ته عوام کي صحيح واٽ بجاءِ غلط رستي ڏانهن ڇڪي ويندي. اهڙين غلطين مان نڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسين پنهنجي دشمنن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي حقيقي دوستن سان اتحاد جي پاسي غور ڪريون. حقيقي دوست ۽ حقيقي دشمن کي سڃاڻڻ لاءِ ضرورري آهي ته اسين چين جي سماج جي مختلف طبقن جي معاشي حيثيت جو جائزو وٺون.

چيني سماج جي طبقن جي حالت ڇا آهي؟

زميندار طبقو ۽ ڪمپرادور طبقو (پڇ لٽڪائو سرمائيدار)

معاشي طور ڪمزور ۽ نيم نو آبادياتي چين ۾ زميندار طبقو ۽ پڇ لٽڪائو سرمائيدار طبقو پنهنجي بقا ۽ واڌ ويجهه جي لاءِ، پوري طرح عالمي سرمائدار جو ڳيجهو بڻجي سامراج کان سهارو وٺي ٿو. هي طبقا چين جي پٺتي پيل ۽ رجعت پسند پيداواري لاڳاپن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ پيداواري قوتن جي ترقي آڏو رڪاوٽ آهن. پٺتي پيل پيداواري لاڳاپا چين جي انقلابي مقصدن سان مطابقت نٿا رکن. وڏو ڳڙنگ زميندار ۽ سامراج جو دلال سرمائيدار سدائين پورهيتن ۽ هارين جو رت چوسڻ وقت هڪ هوندا آهن. سامراج، پڇ لٽڪائو دلال سرمائدار ۽ وڏو زميندار چوٽيءَ جا دشمن آهن. هنن جي سياسي نمائندگي اتاتستس[1] ۽ ڪومنتانگ جي ساڄي ڌر ڪري ٿي.

وچولو سرمائدار طبقو

هي طبقو چين جي ٻهراڙين ۽ شهرن جي سرمائيداراڻي پيداواري لاڳاپن جي نمائندگي ڪري ٿو. وچولو سرمائدار طبقو جنهن مان مراد خاص طور تي قومي سرمائيدار آهي. هي سرمائيدار چين ڏانهن هڪڙو رويو نٿو رکي، ان کي جڏهن پرڏيهي سرمايو سوڙهو ڪري ۽ جنگجو سردار ويل ڪري ڇڏيندس ته، هو انقلاب جي ضرورت محسوس ڪندي، سامراج ۽ جنگجو سردارن خلاف انقلابي تحريڪ ۾ ٽپي پوندو آهي. پر جڏهن پنهنجي معاشي حيثيت لاءِ انقلاب

ڪي خطرو سمجهي ٿو ته، هي قومي سرمائيدار طبقو پنهنجي وچولي سرمائدار هئڻ ڪان وڏي سرمائدار ٿيڻ جي لالچ ڪارڻ، پورهيتن ۽ هارين جي انقلاب ڪي خراب ڪندي اهڙي رياست ڏانهن قدم کڻي ٿو جيڪا قومي سرمائداري جي قبضي ۾ هجي. تائي چي ٿائو[2] جي شاگرد پيڪنگ جي اخبار ”چن پائو“[3] ۾ لکيو ته،

”... ڪاٻي هٿ سان سامراجين ڪي ۽ ساڄي هٿ سان ڪميونسٽن ڪي ماري مڇ ڪيو!“ هي لفظ ان طبقي جي وائڙپ ۽ پريشاني ڪي ظاهر ڪن ٿا. هي طبقو ڪومنتانگ جي عوامي جدوجهد ڪي طبقاتي نقطي نظر ڪان سمجهڻ جي خلاف آهن ۽ ڪومنتانگ جو روس سان اتحاد ۽ ڪومنتانگ ۾ ڪميونسٽن جي شموليت خلاف آهن. موجوده حالتن ۾ ممڪن ناهي ته قومي سرمائدار طبقي ذريعي اقتدار حاصل ڪيو وڃي. چاڪاڻ ته عالمي سطح تي پڻ انقلابي ۽ رد انقلاب قوتون هڪٻئي خلاف جدوجهد ڪري رهيون آهن. هڪ قوت ٽين انٽرنيشنل آهي جنهن جي هٿن ۾ سرخ جهنڊو دنيا جي سڀني مظلومن ڪي عملي جدوجهد لاءِ منظم ٿيڻ جو سڏ ڏئي رهيو آهي ۽ ٻي قوت ليگ آف نيشنز آهي جيڪي انقلاب دشمن حڪمت عملي سان اڇو جهنڊو کڻي دنيا جي سڀني انقلاب دشمنن ڪي گڏ ڪري رهي آهي. وچين واٿ وٺندڙ وچيان طبقا جلد ئي ڇڙوڇڙ ٿي ويندا، انهن مان ڪجهه گروهه انقلابين ڏانهن ۽ ڪجهه انقلاب دشمن قوتن سان گڏ بيهندا قومي سرمائدار لاءِ خود مختيار ٿي بيهڻ جي ڪا گنجائش نه آهي. باقي چين جي قومي سرمائدار جي خودمختياري واءُ ۾ لٽيون هڻڻ آهي.

ننڍو وچولو سرمائدار طبقو

هن دائري ۾ مالڪ هاري[5]، مالڪ ڪاريگر هيٺين درجي جا دانشور، شاگرد، پرائمري ۽ سيڪنڊري درجي جا استاد، ننڍا سرڪاري ملازم، ڪلارڪ، ننڍا وڪيل ۽ ننڍا واپاري شامل آهن. هي طبقو پنهنجي تعداد ۽ نوعيت جي لحاظ ڪان گهري ڌيان جو مستحق آهي. مالڪ هاري ۽ مالڪ ڪاريگر، ٻئي ننڍي پيماني جي پيداوار ۾ حصو وٺن ٿا. ننڍي معاشي حيثيت هئڻ باوجود به، هن طبقي ڪي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون حصو انهن تي مشتمل آهي جن وٽ، ڪجهه وڌيڪ رقم يا اناج موجود آهي يعني جيڪي پنهنجي ضرورت ڪان وڌيڪ ڪمائن ٿا. اهڙن ڪي دولتمند ٿيڻ جو وڏو شوق هوندو آهي، هو دولتمندن جي ديوتا جا سچا مريد هوندا آهن. جيتوڻيڪ ڪين اها خوشفهي ناهي هوندي ته بيپناهه دولت هٿ ڪري وٺنداسين پر پوءِ به، ڪين اِها آس سدائين هوندي آهي ته، وچين طبقي جي ننڍي درجي ڪان وڏي/ مٿين درجي تائين پهچجي. اهڙا ماڻهو مٿين حيثيت لاءِ ڳِگَ ڳاڙڻ لڳندا آهن، هي وڏن سرڪاري آفيسرن جا چاڙتا ٿيڻ پسند ڪندا ۽ انقلابي سرگرمي ۾ حصو وٺڻ ڪان ٿهندا آهن حقيقت ۾ هي ٿاپ جا پاڙيا ٿيندا آهن. هي طبقو يعني ننڍو وچولو سرمائدار معاشي حيثيت ۾ وچولي طبقي جي ويجهو هوندوآهي. اهو ئي سبب آهي جو وچولي طبقي جي پرچار تي اعتماد ڪندي انقلاب ڪان بدظن هوندو آهي ۽ ان ۾ ساڄي ڌر جو ڪردار ادا ڪري ٿو. ٻيو حصو معاشي طور خود ڪفيل (مڇي مانيءَ وارو) ماڻهن تي مشتمل آهي. هي پهرين حصي ڪان گهٽي قدر مختلف آهي. هي پڻ دولتمند ٿيڻ چاهين ٿا پر دولت جو ديوتا مارشل چائو[6] ڪين اجازت نٿو ڏئي. ڪجهه عرصي ڪان سامراجين، جنگجو سردارن، جاگيردارن ۽ وڏي ڀيجهو سرمائدار طبقي جي ظلم جو شڪار ٿيندي سمجهي ويا آهن ته هاڻ اڳ جيترو ڪم ڪندي زندهه رهي نٿا سگهون، ڪين وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. صبح ڪان شام دير تائين وڌيڪ احتياط سان ڪم ڪن ٿا. هي حصو

ڪاوڙ ۾ پرڏيهي سرمائيدارن کي ”غير ملڪي شيطان“، جنگجو سردارن کي ”ڏاڙيل جنرل“ مقامي ظالم سردارن ۽ اميرن کي ”سنگدل امير“ چئي ٿُڪ لعنت ڪري ٿو. جيستائين سامراج ۽ ان جي دلالن خلاف تحريڪ جو سوال آهي ته، هي حصو اهڙي انقلابي تحريڪ تي شڪ ڪندو آهي. ۽ اهو چوندا آهن ته ”سامراجي ڏاڍا طاقتور آهن، هو هر لحاظ کان هوشيار چالاڪ ۽ امير آهن، هنن سدائين کان هيٺن تي راڄ ڪيو آهي.... اسان هنن جو ڪجهه به بگاڙي نٿا سگهون، اسانوٽ ته ڪائڻ لاءِ به ڪجهه ناهي ته پوءِ ويڙهه ڪيئن ڪنداسين؟“ هي ماڻهو انقلابي حقيقت کان انڪار ناهن ڪندا پر جدوجهد کان سدائين پاسيرو رهڻ پسند ڪندا آهن. هن حصي جي ننڍي وچولي سرمائدار طبقي ۾ اڪثريت هوندي آهي. ٽيون حصو اهڙن ماڻهن تي مشتمل آهي جن جي زندگي جو معيار ڏينهن ڏينهن هيٺ ڪرندو وڃي ٿو. هي اڳ مڇي ماني وارا هئا هاڻ ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن. هي هاڻ مهنگائي، ڳاٽي ٽوڙ قرضن ۽ بيروزگاري جي اوڙاهه ۾ اڳوڻا خوشحال ڏينهن ياد ڪيو ٿڌا شوڪارا ڀرين ٿا. هي حصو ننڍي وچولي طبقي ۾ کاٻي ڌر جي حيثيت رکي ٿو. عام حالتن ۾ ننڍي وچولي طبقي جي ٽنهين حصن جو رجحان، انقلاب ڏانهن مختلف هجي ٿو. جڏهن انقلابي حالتون پيدا ٿين ٿيون ته ننڍي وچولي طبقي جي کاٻي ڌر انقلاب ۾ شامل ٿي ويندي آهي ۽ ان پٺيان ٻيو ۽ پهريون حصو پڻ انقلاب ۾ شامل ٿيندا آهن. 30 مئي[8] 1925ع جي هاري بغاوتن جي تجربي مان سڪڻ ڪانپوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته هي نتيجو صحيح آهي.

نيم (اڌ) پرولتاري

اسين جنهن طبقي کي نيم پرولتاري چئون ٿا سو پنجن حصن تي مشتمل آهي. (1) نيم مالڪ هاري[9] (2) غريب هاري (3) ننڍو ڪاريگر (4) دڪانن جا مزدور ۽ (5) ريڙهن (ٿيهن) گڏهه گاڏي، مانڊڻين وارا ۽ سائيڪل، گڏهه ۽ ڪلهن ۾ بانس ڦاسائي شيون وڪڻندڙ. نيم مالڪ هاري ۽ غريب هاري وڏي تعداد ۾ آهن، هاري مسئلو دراصل هنن جو ئي مسئلو آهي. نيم مالڪ هاري، غريب هاري ۽ ننڍا ڪاريگر، مالڪ ڪاريگرن ۽ مالڪ هارين جي مقابلي ۾ ننڍي پئماني جي پيداوار ۾ حصو وٺن ٿا. نيم مالڪ هاري، غريب هاري ۽ نيم پرولتاري ٽنهين کي درجي وار ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. نيم مالڪ هارين جي زندگي مالڪ هارين جي مقابلي ۾ بدتر آهي. ڇو ته جيتري خوراڪ جي گهرج آهي ان ۾ هر سال اڌ تي گهٽتائي ٿئي ٿي. هي مجبورن زمين جا ٺيڪا کڻن ٿا، ڏهاڙي تي مزدوري ڪن ٿا يا ڪو ننڍو ڪاروبار ڪن ٿا. بهار جي آخر ۽ گرمين کان جيئن سندن ان پاٽي کٽي ٿو ته قرض کڻي پورت ڪن ٿا. هنن جي حالت خود ڪفيل هاري کان بدتر آهي. پر غريب هارين جي مقابلي ۾ ڪجهه بهتر آهي. ڇو ته غريب هاريءَ وٽ پنهنجي زمين ناهي، هي پيداوار جو اڌ کڻن يا ان کان به گهٽ کڻن ٿا. جڏهن ته نيم مالڪ هاري ٺيڪي/ مقاطعي تي پوکيل فصل جو سڀ حصو پاڻ رکي سگهن ٿا. ان ڪري نيم مالڪ هاري مالڪ هاريءَ جي مقابلي ۾ وڌيڪ انقلابي هجن ٿا پر غريب هاري جي مقابلي ۾ گهٽ انقلابي آهن. غريب هاري اهي آهن جيڪي زمينداري نظام هٿان وڌيڪ پيڙهيا وڃن ٿا. هن حصي کي (غريب هاري) معاشي حيثيت مطابق وڌيڪ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصي وٽ زرعي اوزار آهن ۽ ڪجهه سرمايو پڻ آهي، هي پنهنجي ساليانِي يا ڇهه ماهي محنت مان اڌ پيداوار پاڻ وٽ رکي سگهن ٿا. ڪوٺ ٽوٽ جي صورت ۾ ڪير، ٻڪريون، ڪڪڙ ۽ مڇي جو شڪار ڪري گذر سفر ڪندا آهن. ڪن وٽ جيڪڏهن مال ناهي ته

مزدوري ڪري پورٽ ڪندا آهن. اهڙي طرح هنن جي زندگي نيم مالڪ هارين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڏکي ۽ مصيبتن سان ڀريل آهي پر اهڙا غريب هاري جن وٽ نه ٿورڙو سرمايو آهي ۽ نه ئي زرعي اوزار آهن ته انهن جي مقابلي ۾ اوزار ۽ ٿورو سرمايو رکندڙ غريب هاري خوش آهن. غريب هاري جي ٻي حصي وٽ نه اوزار آهن ۽ نه ئي ٿورو سرمايو، هي ڏهاڙي تي محنت ڪري، سخت محنت سان مصيبتن جو مقابلو ڪندا آهن، هي انتهائي اٿهوند جي حالت ۾ پنڻ تي مجبور ٿيندا آهن، هي هارين ۾ سڀ کان وڌيڪ بدحال آهن. هنن تي انقلابي پرچار جو اثر سڀ کان وڌيڪ ٿئي ٿو. ننڍن ڪاريگرن کي نيم پرولتاري ان ڪري چئجي ٿو ته، معمولي پيداواري ذريعين جا مالڪ آهن، پنهنجي ڪاروبار ۾ گهٽي محنت خرچ ڪندڙ هوندا آهن. ننڍا ڪاريگر معاشي حيثيت ۾ غريب هارين جي ويجهو هوندا آهن ڇو ته سندس آمدني گهر جي خرچن کان گهٽي گهٽ هوندي آهي. دڪانن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن جي پگهار گهٽ هوندي آهي. سندن اجرت ۾ اضافو سالن کان پوءِ مس ايندو آهي ۽ تيستائين مهانگائي چوٽ چڙهي ويندي آهي. هنن جي معاشي حيثيت غريب هارين ۽ ننڍن ڪاريگرن جي برابر آهي. انقلابي پرچار هنن تي زبردست اثر ڪندي آهي. ريڙهي/ ٺيلهي، سائيڪل، گڏهه يا ڪلهن ۾ بانس جو لڪڙو ڦاسائي شيون ڪپائيندڙ ۽ بس اسٽاپ، ميلن ۽ بازارن ۾ هٽن ۾ شيون ڪٽي وڪرو ڪندڙ ايترا پئسا ناهن ڪمائيندا جيترا روزاني گهر جي خرچ لاءِ گهربل هوندا آهن. هنن جي معاشي حالت پڻ غريب هارين جيان آهي ۽ هنن کي به انقلاب جي اشد ضرورت آهي.

پرولتاري طبقو

چين جا ويهه لک صنعتي مزدور ڪوئلي جي کاڻين، جهاز سازي، ريلوي، ڪپڙي ۽ ٻين صنعتي ادارن ۾ ڪم ڪن ٿا. انهن مان اڪثر غير ملڪي ڪمپنين وٽ غلامن جيان ڪم ڪن ٿا. جيتوڻيڪ صنعتي مزدورن جو تعداد گهڻو نه آهي تنهن باوجود به هو نئين پيداواري قوتن جي نمائندگي ڪن ٿا. هي جديد چين جو ترقي پسند طبقو هئڻ سان گڏ، انقلاب ۾ اڳواڻ ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. چيني انقلاب ڏانهن صنعتي مزدورن جو رويو ۽ ڪردار سندن تاريخي جدوجهد واضح ڪري ڇڏيو آهي. ملاحن جي هڙتال[11]، ريلوي مزدرون جي هڙتال[12]، ڪائي لوئان ۽ چيائوزو ڪوئلي جي مزدرون جي هڙتال[13]، شاميئن جي هڙتال[14]، ۽ 30 مئي جي واقعي ڪانپوءِ شنگهائي ۽ هانگ ڪانگ ۾ عام هڙتالون[15]. هن تحريڪ عملي طور چين جي صنعتي مزدور کي سيني مظلومن جي اڳواڻي لاءِ سيڪاريو آهي. صنعتي مزدور سڀ کان وڏ ذميوار ڇو آهن؟ هڪ ته هي ٻين مزدورن جيان ڇڙوڇڙ ناهن ۽ گڏجي هڪ جاءِ تي پورهيو ڪن ٿا ۽ ٻيو سندن معاشي حالت تمام خراب آهي، انهن وٽ سگهه ۽ ٻه هٿ آهن، ڪين امير ٿيڻ جي ڪا پڪ ناهي، هي طبقو سامراج، جنگجو سردارن ۽ سرمائدار طبقي جي ظلمن جو شڪار رهي ٿو. هنن جون معاشي ۽ سماجي حالتون ڪين انقلابي بڻائين ٿيون. شهر جا قلي ۽ صفائي وارا مزدور پڻ سگهه ۽ ٻن هٿن ڪانسواءِ ڪجهه به ناهن ۽ معاشي طور صنعتي مزدور جيان ڏتڙيل آهن. چين ۾ اجان وڏي پئماني تي جديد زرعي پيداوار نه ٿي آهي. ڪيت مزدور ڏيهاڙي، ڇهه ماهي ۽ سال جي پگهار تي ڪم ڪري ٿو. هن وٽ نه ٿورو سرمايو آهي ۽ نه ئي زرعي اوزار، ملازمت جو ڪو تحفظ نه اٿن، صبح کان شام تائين سخت محنت ڪندي انتهائي ڏکين حالتن ۾ زنده رهي ٿو. هاري تحريڪ ۾ هن جي حيثيت غريب هاري جيتري آهي.

ڪاريگري ۽ هارپ جو ڪم ڪندڙ رولاڪ پرولتاري جيڪي زمينن کان محروم

آهن ۽ جن کي زنده رهڻ لاءِ ڪم ڪار نٿو ملي، اهي چين جي هر علائقي ۾ تنظيمون ناهي ويٺا آهن. هنن تنظيمن تي تشدد پسند، رجعت پسند جنگجو سردارن ۽ وڏن زميندارن جو اثر آهي. رولاڪ پرولتاري آزاديءَ جي نالي تي استعمال ٿي حقيقي جدوجهد کي روڪين ٿا.

اسان جا دشمن اُهي ماڻهو آهن جيڪي سامراج سان گڏ آهن يعني جنگجو سردار، ڪامورا، پڇ لٽڪائو موقعي پرست طبقو، وڏو زميندار طبقو ۽ اهڙا دانشور ۽ صحافي جيڪي هنن جا جوتا چٽين ٿا. اسان جي انقلابي رهنما قوت، صنعتي پورهيت. نيم صنعتي مزدور ۽ ننڍي وچولي سرمائيدار طبقي جا ماڻهو اسان جي ويجهو آهن. غير مستقل مزاج وچولي سرمائدار طبقي جي ڪابي ڌر اسان جي دوست ۽ ساڄي ڌر اسان جي دشمن ٿي سگهي ٿي پر اسان کي وچولي طبقي کان هميشه هوشيار ۽ خبردار رهڻ گهرجي ۽ ڪنهن به نقصان خلاف ڄمي مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهجي.

حوالا

(1) بيغيرت سياسي چاڙتن جو ٽولو جن چيني اتاتستس يوٿ ليگ قائم ڪئي پوءِ ان جو نالو چيني يوٿ پارٽي رکيائون. هن پارٽيءَ ڪميونسٽن ۽ سوويت روس خلاف دشمني اختيار ڪئي. سندن پرورش رجعت پسند حڪمرانن ۽ سامراجي ڏوڪڙن ڪئي.

(2) تائي چي ٿائو پهريان ڪومنتانگ ۾ شامل ٿيو پوءِ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ چيانگ ڪائي شيڪ سان گڏ وڏو سٽي باز رهيو. 1925ع ۾ سن يات سين جي وفات کانپوءِ ڪميونسٽ دشمن تحريڪ هلايائين ۽ اهڙي طرح چيانگ ڪائي شيڪ جي انقلاب دشمن فوجي بغاوت لاءِ نظرياتي راهه هموار ڪيائين چيانگ ڪائي شيڪ جي هن وفادار ڪتي 1949ع ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي.

(3) پيڪنگ جي اخبار ”چن پائو“ مطالعاتي انجمن آئيني حڪومت جو ترجمان هئي. هي تنظيم حقيقت ۾ جنگجو سردارن جي لاءِ ڪم ڪندي هئي.

(4) سن يات سين 1923ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي مدد سان ڪومنتانگ جي نئي سري سان تنظيم سازي جو فيصلو ڪيو. هن جنوري 1924ع تي ڪوانگچو ۾ ڪومنتانگ جي پهرين قومي ڪانفرنس منعقد ڪرائي جنهن ۾ ٽي عظيم پاليسيون منظور ڪرايون. پهرين، روس سان اتحاد، ٻين ڪميونسٽ پارٽي سان تعاون، ٽين هارين ۽ مزدورن جي سهائتا. ڪامريڊ مائوزي تنگ، لي تائو، لين يوچوي، چي چيوپائي جن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي.

(5) ڪامريڊ مائوزي تنگ جي مالڪ هاري مان مراد وچولو هاري آهي.

(6) مارشل چائو جو پورو نالو چائو ڪونگ مينگ آهي. چيني لوڪ ادب ۾ چائو ڪونگ مينگ کي دولت جو ديوتا چيو وڃي ٿو.

(7) مقامي ظالم سردار زميندار نظام جا نمائنده آهن. هارين ۾ پڻ اهڙي قسم جا ننڍا سردار ٿين ٿا. (اردو جو مترجم)

(8) 30 مئي 1925ع شنگهائي شهر ۾ برطانوي پوليس هٿان چيني عوام جو قتلام ٿيڻ بعد برطانوي سامراج خلاف وڏي تحريڪ ان کان اڳ چينگ تائو ۽ شنگهائي ۾ جاپاني سامراج خلاف هڙتال ڪئي، پوليس هڙتال

ختم ڪرائڻ لاءِ فائرنگ ڪئي جنهن ۾ هڪ پورهيت ڪوچنگ هونگ ڪي گولي هڻي ماري ڇڏيو ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. هن واقعي جي ردعمل ۾ شنگهائي جي سوين شاگردن مزدورن 30 مئي تي وڏو احتجاج ڪيو. هن تاريخي جدوجهد کي 30 مئي جي تحريڪ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

(10) پراڻي چين ۾ دڪانن جا مالڪ مختلف قسمن ۾ ورهايل هئا. ڪامريڊ مائو انهن جو ذڪر ڪيو آهي.

(11) 1922ع ۾ هانگ ڪانگ ۽ دريا يانگسي جي ملاحن اٺ هفتا لڳاتار هڙتال ڪري برطانيه سامراج کي گوڏا کوڙائي اهم مطالبا مڃرايا جنهن ۾، پگهارن جو اضافو، يونين تان پابندي ختم ڪرڻ، گرفتار ملاحن کي آزاد ڪرڻ ۽ شهيدن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ جا مطالبا شامل هئا.

(12) 22- 1921ع دوران ڪميونسٽ پارٽيءَ ريلوي ملازمن ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ 23-1922ع ۾ پارٽي زبردست هڙتالون ڪرايون جن ۾ 4 فيبروري 1923ع واري هڙتال ڪانپوءِ برطانيه سامراج ملازمن ۽ اڳواڻن کي 7 فيبروري تي قتل ڪرايو. ان واقعي کي 7 فيبروري جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هي تحريڪ ٽريڊ يونين منظم ڪرڻ لاءِ اپري ۽ ڪامياب ٿي.

(13) ڪائي لوان، ڪائي پينگ ۽ لوانچو جي ڪوئلي جي کاڻن جا مزدور جن انگريز سامراج خلاف کاڻن کي بچائڻ خاطر هڙتالون ڪيون. هي هڙتالون 1922ع دوران ٿيون. چيائوزو کاڻ جي هڙتال پهرين جولاءِ 1925ع کان 9 آگسٽ 1925ع تائين ٿي.

(14) ڪوانگچو شهر جو علائقو شامئين، انگريز سامراج ڪرائي تي ورتو هو. انگريزن 1924ع ڌاري مقامي ماڻهن جي هن علائقي ڏانهن اچڻ تي پابندي هڻي ڇڏي. 15 جولاءِ تي شامئين ڇڏائڻ لاءِ پورهيتن تحريڪ هلائي ۽ نيٺ انگريز سامراج پوئتي هٽيو.

(15) "30 مئي" جي واقعي ڪانپوءِ پهرين جون 1926ع تي شنگهائي ۽ 19 جون تي هانگ ڪانگ ۾ 16 مهينا هڙتال هلي. عالمي مزدور تحريڪ جي تاريخ ۾ هيءَ هڙتال سڀ کان وڏي آهي.

(16) "تثليثي جماعت"، "انجمن اخوان"، "انجمن شمشير برادرز"، "انجمن براءِ معقول زندگي" ۽ "سبز ٽولو" هنن جا ميمبر غريب هاري، بي روزگار ڪاريگر ۽ ٻيا رولاڪ پورهيت هوندا هئا. وڏا زميندار، قبيلائي مذهبي پرچار ڪندڙ، غريب عوام کي آزادي جي نالي تي گمراهه ڪندا هئا. 1927ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ، انقلاب دشمن فوجي بغاوت ۾ هنن کي استعمال ڪري انقلابي قوتن کي سخت نقصان ڏنو. چين ۾ جڏهن جديد صنعتي پورهيتن جي ترقي پسند تحريڪ سگهاري ٿي ته ٻهراڙي جي پورهيتن رجعت پسندن کي ٽڏي ڇڏيو.

اشتراڪي سماج جي تضادن بابت

مسرور شاهه

ويهين صديءَ جي ٻين ڏهاڪي ۾ روس اندر اشتراڪي انقلاب برپا ٿيو جنهن تاريخ کي هڪ نئون رخ ڏنو. ان انقلاب کي عظيم آڪٽوبر انقلاب جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. آڪٽوبر انقلاب ڏرتيءَ جي گولي تي هلندڙ پورهيت ۽ قومي آزادي جي تحريڪن کي اهڙو اتساهه ڏنو جو ڪجهه ڏهاڪن ۾ دنيا جي چاليهه سيڪڙو جاگرافي تي اشتراڪي رياستون قائم ٿي ويون. بالشيوڪ پارٽي سميت هر ڪميونسٽ پارٽي اڳيان سڀ کان وڏو سوال انقلاب کانپوءِ اشتراڪي سماج جي جوڙجڪ ۾ پورهيتن جي سياسي قوت کي قائم رکڻ جو هو. ان لاءِ ضروري هو ته اشتراڪي سماج جي داخلي تضادن جي نوعيت کي سمجهيو وڃي. بنيادي طور تي مارڪس ۽ اينگلس جي گهڻي ڀاڱي علمي پورهيي جو حصو سرمائيداري جي داخلي تضادن جو سائنسي جائزو هو. مارڪس جي لکڻين ۾ اهو ضرور ڄاڻايل هو ته غير طبقاتي سماج ڏانهن وڌڻ لاءِ سوشلزم يعني پرولتاري آمريت هڪ لازمي ۽ عبوري ڏاڪو آهي پر ان عبوري رياست جي عملي شڪل ۾ تضادن تي تفصيلي بحث موجود نه آهي. مارڪس ۽ اينگلس اڳيان اشتراڪي سماج جو عملي خاڪو موجود نه هو جنهن تي هوتفصيلي بحث ڪري سگهن. ان جي باوجود مارڪس جي لکڻين ۾ اهي بنيادي نقطا موجود آهن جنهن جي بنياد تي ڪميونسٽن اشتراڪي سماج جي جوڙجڪ ڪئي. موجوده مضمون ۾ اسان اشتراڪي سماج ۾ موجود تضادن تي بحث ڪنداسين جنهن جي سمجهه لينن ۽ مائوزيتنگ اشتراڪي سماج جي جوڙجڪ جي تجربي مان ڏني هئي.

هي بحث موجوده مارڪسوادي پارٽين لاءِ به اهم اهي ڇاڪاڻ ته سرمائيداريءَ جي حامي دانشورن سوويت يونين جي ڊهڻ کان پوءِ مارڪسزم کي سوال هيٺ آڻي ان کي رد ڪري ڇڏيو. اشتراڪي سماجن جي ڊهڻ واري لقاءُ کي اسان تڏهن صحيح منعيٰ ۾ سمجهي سگهون ٿا جڏهن انهن سماجن ۾ موجود تضادن کي سمجهنداسين.

چا اشتراڪي سماج ۾ تضاد موجود رهن ٿا؟

متي ڏنل سوال هن مضمون جي موضوع سان هڪ معنيٰ ۾ تضاد ۾ آهي پر هڪ عام غير جدلياتي سمجهه رکڻ وارن لاءِ ان سوال کي حل ڪرڻ ضروري آهي.

جدلياتي ماديت جو بنيادي اصول آهي ته ڪنهن به شيءِ جو وجود ۽ ان جي اوسر ان شيءِ جي داخلي تضادن جو نتيجو آهي. هڪ ايٽم جو وجود ۽ اوسر ان جي بنيادي جزن (electron & protan) جي هيڪڙائي ۽ تضاد جي ڪري ممڪن آهي. ڪابه شيءِ پنهنجي اوسر دوران ٻاهرين شين سان لازمي تعلق ۾ هوندي آهي. پر ان شيءِ تي ٻاهر جو اثر به داخلي تضادن تي انحصار ڪري ٿو. مائوزيتنگ جو مشهور مثال هڪ پٿر ۽ آني جو آهي. ڪنهن پٿر کي توهان هزار درجي جي گرمي ڏيو پر ان مان ڪڏهن به ڪڪڙ جو ٻچو پيدا نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته ان پٿر ۾ اُهي داخلي تضاد موجود نه آهن. جيڪي حرارت جي اثر هيٺ ٻچو پيدا ڪن. جڏهن ته هڪ ڪڪڙ جي آني کي مناسب حرارت ڏبي ته ان مان هڪ چوزو ضرور نهي نڪرندو. ان مان اهو ثابت ٿيو ته ٻاهريون اثر به داخلي تضادن جي هجڻ کانپوءِ تبديلي آڻي سگهي ٿو. ان ڪري شيءِ جي اوسر جو بنيادي سبب ان جا داخلي تضاد آهن. ائين اشتراڪي سماج جو وجود ۽ اوسر داخلي تضادن کانسواءِ ممڪن نه آهي. اهو سمجهڻ ته اشتراڪي سماج ۾ تضاد موجود نٿا رهن هڪ غير

جدلياتي ڳالهه آهي.

اشتراڪي سماج جون پيداواري قوتون ۽ لاڳاپا

سماجي پيداواري قوتن مان مراد پيداواري اوزار، مشينري، پيداواري طريقا (Methods) ۽ مهارت (Skills) آهي. پر مارڪس مطابق ”سڀني پيداواري قوتن مان انسان سڀ کان وڏي پيداواري قوت آهي. انسان پنهنجي پيداواري عمل دوران پيداواري قوتن کي استعمال ڪندي جيڪي ٻين انسانن سان لاڳاپا جوڙي ٿو انهن کي ئي پيداواري رشتا يا لاڳاپا چئجي ٿو. پيداواري قوتن ۽ لاڳاپن جو تضاد تاريخ جو بنياد آهي. انقلاب جي بنيادي مارڪسي سمجهاڻي اها آهي ته جڏهن سماج اندر پيداواري لاڳاپا پيداواري قوتن جي اوسر ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃن يا پيداواري قوتون مجموعي سماج جي ضرورتون پوريون نه ڪري سگهن ته اهو دور سماجي انقلاب جو هوندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ نوان پيداواري تعلق ۽ پيداواري قوتون وجود ۾ اچن ٿيون.

سرمائيداري نظام ۾ به اهو تضاد واضح هوندو آهي. سرمائيداري لاڳاپا پيداواري قوتن جي اوسر ۾ رڪاوٽ آهن. ان نظام ۾ پيداواري قوتون ڪنهن خاص حد تائين يا ڪن خاص ملڪن ۾ اوسر ڪن ٿيون پر مجموعي طور دنيا جي گهڻي حصي ۾ روز پيداواري قوتون تباهه ٿين ٿيون. (جيئن پاڪستان ۾ صنعتي ۽ زرعي شعبو ڏينهن به ڏينهن پوئتي ۽ صرف بينڪون ترقي ڪري رهيون آهن) سرمائيداري سماج ۾ پيداواري قوتون ۽ پيداوار ذاتي مالڪي هيٺ هجڻ ڪري ضرورتن کان گهڻي پيداوار هجڻ ڪانپوءِ به اها پيداوار ماڻهن لاءِ ميسر نه آهي. سرمائيدار پنهنجي پيداوار کي هلائڻ لاءِ پوري دنيا جون پيداواري قوتون جنگين ذريعي تباهه ڪري ٿو ۽ ٻي پاسي پوري دنيا ۾ ڪاڏو ماڻهن وٽ نه هجڻ ڪري انسانن جي شڪل ۾ پيداواري قوتون تباهه ٿين ٿيون. (روزانو 22 هزار ماڻهو صرف بک وگهي مرن ٿا) روايتي مارڪسي سمجهه اها آهي ته اشتراڪي انقلاب سرمائيداري جي انهن داخلي تضادن جي ڪري ممڪن ٿيندو. اشتراڪي سماج ۾ نون لاڳاپن جي ڪري پيداواري قوتون بنا ڪنهن رڪاوٽ اوسر ڪنديون. اشتراڪي سماج ۾ طبقاتي جدوجهد وجود رکي ٿي. ان ڪري رياست جو هجڻ لازمي ٿيو وڃي. جيئن سماج پنهنجن پيداواري قوتن کي اوسر ڏياريندو ويندو، تيئن اُهي حالتون ختم ٿينديون وينديون جيڪي طبقن کي جنم ڏين ٿيون ۽ ائين غير طبقاتي سماج جڙي پوندو.

اسان جو مقصد ان سمجهه کي رد ڪرڻ نه آهي چاڪاڻ ته اها بلڪل صحيح سمجهه آهي پر ان سمجهه جي بنياد تي اهو ثابت ڪرڻ آهي ته اها ابتدائي آهي ۽ مختلف سوالن جا جواب نٿي ڏئي ۽ ٻيو ته ان نقطئه نظر جي بنياد تي وڌيڪ گهرائي ۾ وڃي انهن سوالن جا جواب ڏيڻ آهي.

چا اشتراڪي سماج ۾ سرمائيداري پيداواري لاڳاپا مڪمل طور ختم ٿي وڃن ٿا؟

اشتراڪي سماج ۾ موجود طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جو مادي بنياد ڪهڙو آهي؟

پيداواري لاڳاپين مان مراد صرف ملڪيت جي مالڪي جو سرشتو (System of ownership) نه آهي پر پيداوار جي ونڊ ورڇ جو سرشتو ۽ سماجي پورهئي جي ورڇ به شامل آهن. ٻين لفظن ۾ پيداواري عمل جا اهي ٽئي پاسا ماڻهن جي وچ ۾ پيداواري لاڳاپن جو اظهار ڪن ٿا. طبقا به ماڻهن جا اهي گروهه آهن جيڪي سماج جي پيداواري عمل ۾ حصو وٺن ٿا، پيداواري قوتن سان خاص تعلق ۾ رهن ٿا ۽ پيداواري جي ونڊ ورڇ ۾ خاص حصو رکن ٿا.

اشتراڪي سماج ۾ سرمائيداري

پيداواري لاڳاپن ۾ مجموعي طرح طبقاتي سماج جي جوهر يعني ذاتي ملڪيت جو گهٽي پاڳي خاتمو ضرور اچي وڃي ٿو پر پيداواري لاڳاپن ۾ طبقاتي خاصيتون موجود رهن ٿيون. مثال طور اشتراڪي سماج ۾ ذهني ۽ جسماني پورهئي جو تضاد موجود رهي ٿو. ان ڪانپوءِ اشتراڪي سماج ۾ ونڊ ورڇ ۾ اڻ برابري به وجود رکي ٿي. هر ماڻهو کي ان جي پورهئي جي پٽاندڙ حصو ملندو. نه ڪي ضرورتن پٽاندڙ، جنهن جي ڪري اشتراڪي سماج ۾ معاشي فرق رهي ٿو. پيو ٿوري پاڳي ذاتي ملڪيت جو خاتمو نه آيو هو. (اسان هتي روس ۽ چين ۽ ٻين اشتراڪي سماجن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون) اهي سبب مادي بنياد آهن اشتراڪي سماج ۾ طبقاتي تضاد جا.

اشتراڪي سماج ۾ طبقاتي تضاد

متي ٿيل بحث ۾ اسان اهو ڏٺو ته طبقاتي تضاد اشتراڪي سماج ۾ موجود رهي ٿو ۽ ان جي مادي بنياد تي به اسان ڳالهايو. اشتراڪيت پرولتاري آمريت آهي. يعني اڪثريتي مظلوم طبقي جي اقليتي ظالم طبقي مٿان ڏاڍ جي هر سماج اندر اُهي قوتون موجود هونديون آهن جيڪي ان جي موت لاءِ جاکوڙينديون آهن ائين اشتراڪي سماج ۾ موجود اهي طبقا جيڪي پرولتاري آمريت هيٺ ذاتي ملڪيت کان محروم ٿين ٿا يا اهي ننڍي ليول تي ملڪيت رکندڙ طبقا هر وقت ۽ هر دائري ۾ اشتراڪي سماج سان جدوجهد ۾ رهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اشتراڪي سماج کي سرمائيداري ۽ ڪميونسٽ سماج جي وچوارو عبوري دور سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ پراڻو سماج ۽ انهيءَ جي باقيات زنده رهي ٿي. جنهن سان هڪ وڏي ۽ مسلسل جدوجهد ذريعي ئي عبوري دور هڪ حقيقي غير طبقاتي سماج ۾ بدلجي ٿو.

طبقاتي جدوجهد پاڻ کي سماج جي هر دائري ۾ اظهاريندي آهي. سوويت يونين ۽ چين ۾ ڪميونسٽ پارٽيز اندر 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ اقتدار جي جدوجهد به سماج اندر طبقاتي جدوجهد جو اظهار هو. تاريخ جوتجربو ٻڌائي ٿو ته سوشلسٽ سماج اندر بورجوا ۽ رد انقلابي طبقن جو اهم نشانو حڪمران پورهيت نمائندا پارٽي هوندي آهي. انهن جو اهم مقصد ان ۾ پنهنجو اثر وڌائڻ ۽ ان کي انقلابي لائن تان هٽائڻ هجي ٿو. ڇاڪاڻ ته پورهيت پارٽي ذريعي پورهيت طبقو سياسي پاور ۾ آهي. پرولتاري آمريت يا سوشلسٽ رياست جي ذميواري معاشي، سياسي ۽ نظرياتي جدوجهد ڪرڻ آهي. سوشلسٽ رياست سماج جي پيداواري قوتن کي اوسر ڏياري، بورجوا رجحانن سان نظرياتي ويڙهه ڪري ئي طبقاتي جدوجهد پرولتاريه طبقي جي حق ۾ ڪري سگهي ٿي. ڪامريڊ مائوزيتنگ جي لفظن ۾ اشتراڪي سماج اندر طبقاتي تضاد جي نوعيت کي سمجهي سگهجي ٿو.

”جيتوڻيڪ چين ۾ مجموعي طور اشتراڪي تبديلي ممڪن ٿي چڪي آهي (يعني مالڪي جي سرشتي جي لحاظ کان) (System of ownership) ۽ شديد ۽ وڏي تعداد ۾ عوام جي طبقاتي جدوجهد، جيڪا پوئين انقلابي دورن جي خاصيت هئي، ختم ٿي چڪي آهي...... پر طبقاتي جدوجهد ڪنهن به طريقي سان ختم نه ٿي آهي. پرولتاريه ۽ بورجوازي جي وچ ۾ ڊگهي ۽ ٽڪائيندڙ طبقاتي جدوجهد جاري رهندي ۽ ڪنهن وقت شديد به ٿي ويندي. پرولتاري طبقو پنهنجي نظريي مطابق دنيا کي تبديل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ بورجوازي پڻ. ان ڪري اهو سوال ته ڪير فتح ماڻيندو، سوشلزم يا سرمائيداري، اهو اڃا حل نه ٿيو آهي.“ (On Correct Handling of Cantradiction Among people)

هاڻي اسان اشتراڪي سماج اندر طبقاتي تضاد جي نوعيت کي سمجهي،

سوويت يونين ۽ ٻين سوشلسٽ سماجن جي ڏهڻ کي سمجهي سگهون ٿا. طبقاتي جدوجهد ڪنهن به طبقي جي حق ۾ ٿي سگهي ٿي. انقلاب ڪانپوءِ ردانقلاب ۽ عارضي طور تاريخ جو پوئتي وڃڻ به ممڪن آهي. مائو جي انهن سٽن ۾ اهڙن سوالن جو جواب آهي.

ٻن قسمن جا تضاد

ڪامريڊ مائوزيتنگ چيني سماج ۾ موجود داخلي تضادن جو ڇيد ڪندي اشتراڪي سماج اندر تضادن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. جدلياتي ماديت به اسان کي ٻڌائي ٿي ته تضاد ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا تضاد دوستاڻه (non-antagonistic) يا مائو جي زبان ۾ عوام جي وچ ۾ موجود تضاد (Contradictions among people) (عوام مان مراد مظلوم پرتن جي وچ ۾ موجود تضاد) اهي تضاد اهڙا هوندا آهن جيڪي بحث مباحثو، تنقيد ۽ نظرياتي تربيت جي ذريعي حل ٿي سگهن. مثال طور هڪ ڪيڊر پارٽي جي ليڊرشپ ۽ ڪارڪنن جي وچ ۾ يا ڪارڪنن جي پنهنجي وچ ۾ تضاد موجود هوندا آهن يا سماج جي مزدور ۽ هاري طبقين جا تضاد پر اهي اهڙا دوستاڻا آهن جن کي تنقيد ۽ خود تنقيد ذريعي ۽ سماج اندر پيداواري سگهن جي اوسر حل ڪري سگهجي ٿو. ٻيا اهڙا تضاد آهن جيڪي آمريتي ۽ طاقت جي طريقن کي ڪانسواءِ حل نٿي سگهن. اهڙن تضادن کي عوام ۽ دشمن جي وچ ۾ موجود تضاد يا (Antagonistic) تضاد چئجي ٿو. مثال طور هاري ۽ جاگيردار جو تضاد بنا ڪنهن انقلابي تبديلي جي تنقيد ۽ خود تنقيد سان حل نٿو ٿي سگهي. جيئن اسان مٿي بحث ڪري آياسين ته اشتراڪيت مان مراد پرولتاري آمريت آهي. سوشلسٽ سماج ۾ عوام، رياست ۽ پارٽي هڪ ٻئي کان ڌار قوتون نه آهن پر رياست ۽ پارٽي اهڙو (Apparatus) اوزار آهي جنهن ۾ پرولتاري طبقو منظم آهي ۽ سياسي پاور ۾ آهي. سوشلسٽ سماج ۾ جيڪي تضاد پارٽي، رياست ۽ عوام جي وچ ۾ موجود آهن اهي دوستاڻا آهن ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد جي جمهوري طريقي سان حل ڪيا ويندا. جڏهن ته سوشلسٽ رياست ۽ ردانقلاب قوتن ۽ طبقن جي وچ ۾ تضاد آمريتي طريقي سان حل ڪيو ويندو.

اشتراڪيت ۽ سرمائيداري جي تضادن ۾ جوهري فرق

مٿي ڏنل بحث کان پوءِ اهو سوال ضرور اڀري ٿو ته سرمائيداري ۽ سوشلسٽ سماج جي تضادن ۾ ڪهڙو جوهري فرق آهي. سرمائيداري سماج جا داخلي تضاد ۽ طبقاتي جدوجهد بحراني حالت ۾ هوندا آهن. جيڪي پاڻ کي تباهي ۽ جنگين ۾ اظهارن ٿا. ٻيو ته انهن تضادن کي سرمائيداري نظام اندر حل نٿو ڪري سگهجي. بلڪه سرمائيداري جا داخلي تضاد ان جو موت هجن ٿا. سرمائيداري جي داخلي تضادن کي بورجوا لاڳاپن کي ڊاهي پٽ ڪري حل ڪري سگهجي ٿو.

اشتراڪي سماج جا تضاد غير بحراني حالت هوندا آهن جن کي هڪ سلسلي ۾ حل ڪري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ غلط پاليسين جي ڪري ڪجهه خاص حالتن ۾ سوشلسٽ سماج اندر طبقاتي ۽ ٻيا تضاد بحراني شڪل وٺي سگهن ٿا. جيئن اسان سوويت يونين جي ٽٽڻ وقت ڏٺو. اشتراڪي سماج جي تضادن تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. هن پيچيده موضوع تي لکڻ تمام اهم به آهي ۽ تمام محنت طلب ڪم به آهي. هن موضوع تي هڪ ابتدائي سطح جو مضمون آهي. جنهن جو هڪ مقصد هن موضوع ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ آهي.

ناري واد



عورتوں کی تحریک اور بالشویک انقلاب

زہرا خان

ہمارے سماج میں عورت کی حیثیت نہ ہونے کے برابرہے اور ہماری بی علمی کی انتہا ہے کہ ہم جنس اور صنف میں اب تک فرق نہین کر پائے اس کی خاص وجہ ہمارے معاشرے میں تیزی سے پھیلتے ہوئے غیر سائنسی خیالات ہیں جو کبھی رواجوں، مذہب اور رسموں کے نام پر عورت پر ڈالے گئے ہیں اور سماج میں موجود جہالت نے کبھی ان غیر سائنسی خیالات کو ختم کرنے یا انسان کو سوچنے پر مجبور نہیں کیا، کہ کیوں عورتوں پر صدیوں سے جنس کی بنیاد پر تفریق کی جاتی رہی ہے اور بعض اوقات پڑھے لکھے لوگ بھی ایسی غلطی کو اپناتے ہوئے دہراتے رہتے ہیں اور یوں نہ ختم ہونے والا سلسلا پیڑی در پیڑی چلتا رہتا ہے۔ اینگلز کےمطابق سماج میں جب monogamy کا تصور عام ہوا اور مردوں نے عورت کی fertility کو جائز وارث کے لیے کنٹرول کرنا شروع کیا تب سے عورت کی سماج میں حیثیت گرتی چلی گئی یعنی جب سماج میں آلات پیداوار سادہ تھے توسماج اشتراکی تھا جہاں ہر فرد برابر تھا اور کسی بھی قسم کی تقسیم یا استحصال موجود نہ تھا مگر جب سے سماج میں قدر اضافی کا تصور آیا وہاں سے ہی ذاتی ملکیت کا تصور بھی بڑی تیزی سے پھیلا اور ذاتی ملکیت کا مطلب مرد کی حاکمیت اور باقی لوگوں پر اجارہ داری، یوں عورت بھی ذاتی ملکیت کہلانے لگی جسے جب چاہے مرد خرید سکے اور اسانی سے فروخت کرسکے۔



جنس کا مطلب کسی کا پیدائشی طور پر عورت یا مرد پیدا ہونا جسے تبدیل نہیں کیا جاسکتا اور نہ ہی سماج کا اس عمل میں کوئی دخل ہوتا ہے، جو کہ تمام سماج میں ایک جیسے ہی ہوتے ہیں جسے ہم خالصاً حیاتیاتی فرق کہہ سکتے ہیں جیسے عورت بچہ پیدا کرسکتی ہے اور دودھ پلاسکتی ہے۔ جبکہ صنف کا مطلب معاشرے میں کام کی تقسیم، ذمہ داریاں اور کردار کو بحیثیت مرد اور عورت کے متعین کرنا۔ یعنی معاشرتی/ سماجی قدروں کوبحیثیت مرد اور عورت لاگو کرنا، جوکہ تبدیل ہوسکتے ہیں اور یہ ہر سماج میں مختلف ہوتے ہیں جسے دوسرے لفظوں میں حاصل شدہ شناخت (سماج سے) کہہ سکتے ہیں جیسے عورت مرد کی پسلی سے پیدا کی گئی ہے، وہ کم عقل ہوتی ہے، پاؤں کی جوتی ہے اور کوئی کام درست نہیں کرسکتی جیسے سماجی قدر بنادیے گئے۔ یہی وہ تصورات تھے جو ذاتی ملکیت کی تصور کی ساتھ بڑی تیزی سے سماج میں پھیلائے گئے اور عورتوں پر صدیوں سے جبر اور تشدد کا بازار گرم کردیا گیا جو کہ اب بھی اسی آب و تاب سےجاری و ساری ہے جسے عورت خود بھی صحیح مان کر اپناتی رہی اور ان کی پرورش انہی خیالات کے ساتھ کی جاتی رہی۔

ذاتی ملکیت (پدرسری نظام) نے صدیوں پرانے مدرسری سماج کو اور اس میں موجود عورت کی حیثیت کو ختم کردیا۔ آج شاید ہی عورتیں جانتی ہوں کہ ایک ایسا بھی زمانہ تھا جب عورت جنس نہیں بلک ایک کارکن کی حیثیت رکھتی تھی اور معاشرے میں عزت و احترام کی نظر سے دیکھی جاتی تھی اور اس کے فیصلوں کی اہمیت تھی۔ مگر مرد کی وسائل پر قبضے اور حملہ کی عادت نے عورت کو کہیں کا نہ چھوڑا اور ایسے ساری تاریخ میں فتنہ اور فساد کی جڑ بنا کر عورت کو عبرت کا نشان بنادیا گیا (ارسطو کا قول ہے کہ خدایا تیرا شکرہے کہ تونے مجھے عورت پیدا نہیں کیا) جسے وہ کبھی مذہب تو کبھی روایات کے نام پر اس پر لاگو کرتا رہا اور نہ ختم ہونے والی غلامی کی زنجیروں میں جکڑتا چلاگیا۔ اور یوں اشتراکی سماج کے خاتمے کی ساتھ ساتھ طبقاتی سماج کا آغاز ہوا جہاں عورت کی کوئی اہمیت اور عزت نہ تھی وہ صرف مردوں کے لیے ایک غلام اور شے میں تبدیل ہوگئی۔

عورت کی غلامی کا آغاز اس کے گھر سے ہوتا ہے جہاں سماج کے نام نہاد روایات اور عقیدے بڑی مضبوطی سے اپنائے جاتے ہیں اور ان پر عمل درآمد کرواکر انہیں برقرار بھی رکھا جاتا ہے۔ اینگلز کے مطابق خاندان کوئی universal شے نہیں بلکہ خاندان بھی وقت کے ساتھ ساتھ ارتقا پذیر ہوا اور ہمیشہ سے ایسا نہیں تھا جیسا اب ہے۔ خاندان (Family) لاطینی زبان کا لفظ ہے جو کہ Fomulus اور Familia سے نکلا ہے جس کے معنی گھریلو غلام یا ایک انسان کی تمام غلاموں پر اجارہ داری کے ہیں۔ تو ہم کہہ سکتے ہیں کہ خاندان غلامی کی بنیاد ہے اور اسی کی بنیاد پر عورت اور مرد میں نہ ختم ہونے والی تفریق گھر سے ہی شروع کی جاتی ہے جیسے بیٹے کی پیدائش پر اب بھی کئی علاقوں میں پورا خاندان خوشیاں مناتا ہے اور بیٹی کی پیدائش پر خوف اور دُکھ کا منظر نظر آتا ہے۔ اور اگر عورت حمل سے ہو تو خاندان کے سبھی لوگ بیٹے کی پیدائش کا تصور کرلیتے ہیں اور بچے جیسے جیسے بڑے ہوتے ہیں ان میں لباس، کھلونے اور کھانے پینے اور دیگر عادات میں سماج کے دیئے ہوئے خیالات کے مطابق فرق کرنا شروع کردیتے ہیں۔ جبکہ فطرتاً بچوں کا پیدا ہونا، کھانا، بولنا اور بڑھنا ایک ہی جیسا ہوتا ہے یعنی یہ انسان ہی ہے جو لڑکا اور لڑکی میں تفریق پیدا کرکے ان خیالات کو آگے بڑھاتا ہے اور نئی نسل میں منتقل بھی کرتا ہے۔ سیمون ڈبور کہتی ہیں کہ "عورت پیدا نہیں ہوتی، عورت بنائی جاتی ہے" پھر جب ہم اسکول کے نصاب کی بھی بات کریں تو یہاں بھی ہمیں واضح طور پر عورت اور مرد کا فرق بہادری اور جنگ کے قصے سنا اور پڑھاکر دکھایا جاتا ہے۔ اینگلز کہتے ہیں کہ "لکھی ہوئی تاریخ مردوں کی تاریخ ہے" جو حقیقت بھی ہے اس لیے مردوں خاص کر ذاتی ملکیت پر کنٹرول رکھنے والوں نے جیسے چاہا اسے لکھ دیا اور عورت کو کم ذات اور اس جیسے کئی القابات سے نواز دیا۔

سماج میں جب ذرائع پیداوار تبدیل ہوئے اور ذاتی ملکیت نے مرد کی حاکمیت کو بڑھایا ویسے ہی انہوں نے اپنے کنٹرول کا غلط استعمال کرتے ہوئے قوانین بھی اپنے مقاصد اور کنٹرول کو برقرار رکھنے کے لئے بنائے اور مذہب کا سہارا لے کر اُسے جائز قرار دیا۔ اس کا مطلب یہ ہوا کہ سماج میں موجود معاشی نظام ہی درحقیقت مذہب اور دیگر معیارات اور قدروں کا تعین کرتا ہے کیونکہ یہ سب حاکم طبقات کے لئے کام کرتے ہیں اور انہیں ہر طرح سے تحفظ فراہم کرتے ہیں جس کی مثالیں ہمیں دنیا کے مختلف عقیدوں میں نظر آتی ہیں جہاں

رسومات کے نام پر عورتوں کی بَلی چڑہائی گئی۔ جیسے اسے ستی قرار دے کر مرنے والے مرد کے ساتھ ہی خود کو زندہ آگ میں جھونکنا پڑتا تھا اور اگر کوئی عورت انکار کردے تو اس کی زندگی



موت سے بھی بدتر بنادی جاتی تھی، عورتوں کو دوسری شادی کی اجازت ہی نہیں تھی، یہودیت اور عیسائیت نے تو سماج میں موجود عورت کی عزت کو مزید پامال کیا۔ عیسائیوں نے اسے گناہ کا گھر کہا اور اسے کمتر ثابت کرکے مرد کا غلام قرار دیا۔ اسی طرح اسلام میں بھی حدود آرڈیننس، آدھی گواہی اور مردوں کو چار شادیاں کرنے کی اجازت دے کر عورت کا وقار خاک میں ملادیا۔ یہ سب ثابت کرتا ہے کہ تمام عقائد نے anti women ہونے کا کردار ادا کیا اور عورتوں کو گھر اور چاردیواری میں قید کرکے ہمیشہ کے لیے مردوں کا غلام بنادیا۔

اسی طرح سماج میں موجود علاقائی روایات نے بھی عورتوں کی حالت مزید خراب کی جیسے وٹہ سٹہ، کارو کاری، ونی سوار، قرآن سے منسوب کرنا، زبردستی یا کم عمری میں شادی کردینا، لڑکیوں کو فروخت کرنا اور جنسی کاروبار میں ملوث کرنا، فیصلہ سازی کے ہر عمل سے دور رکھنا، غیرت کے نام پر قتل اور عورتوں کو زندہ دفن کرنے جیسی روایات آج تک پاکستان میں موجود ہیں۔ جس کی خاص وجہ یہاں موجود سرمایہ داری نظام کے ساتھ ساتھ جاگیرداری نظام اور قبائلی نظام بھی اب تک موجود ہے جن کی بقا اس بربریت کو قائم رکھنے میں بلکہ انہیں مزید آگے بڑھانے میں ہے۔ سیمون ڈبور کہتی ہیں کہ "مرد نے عورت کو قید کرکے خود اپنے لئے بھی مشکلات پیدا کرلی ہیں لہٰذا وہ اسے آزاد کرکے خود بھی آزاد ہوگا۔" مگر سماج میں موجود چند (شیطانی دماغ) افراد اور عقیدہ پرست عورت کی اسی حیثیت کو برقرار رکھنا چاہتے ہیں اور صدیوں پر محیط جبر کے بعد حاصل کردہ بالا دستی کو کسی بھی قیمت میں کھونے نہیں دینا چاہتے۔ مگر تاریخ میں اشتراکی نظام کے بعد ایک دور ایسا بھی آیا جس نے سماج میں موجود ان خیالات کو یکسر ہی تبدیل کردیا اور عورتوں کو ان کے حقوق ملے جو دنیا میں کہیں اور یا سرمایہ دار ممالک میں نہ مل سکے۔ وہ دور سوشلسٹ دور تھا جو روس میں مزدوروں کے اقتدار پر آنے کے بعد آیا۔ جس میں تمام عورتوں کو آزادی سے جینے اور برابری کا حق ملا جس کا ثبوت 1917ء میں آنے والا سوشلسٹ انقلاب تھا جس نے تاریخ میں ہونے والےطویل جبر کو ختم کیا۔ ان دور ادواروں (اوائلی کمیونسٹ دور اور سوشلسٹ دور) کے علاوہ دنیا کی تمام تاریخ طبقاتی تاریخ ہے اور عورتوں کی تذلیل اور اس کےخلاف جدوجہدکی تاریخ ہے۔

عورتوں کے مسائل سب سے پہلے سرمایہ داری دو ر میں اجاگر ہوئے جب صنعتیں لگنی شروع ہوئی، مشینیں جدید ہوئیں اور فیکٹریوں میں کھپت کے لئے سستے مزدور کی صورت میں عورتوں اور بچوں کو نوکریوں پر رکھا جانے لگا۔ سرمایہ داری میں عورتوں کا استحصال دہرا ہوا ایک بحیثیت عورت کے اور دوسرا بحیثیت عورت مزدور کے۔ مگر ایک کام جوسرمایہ داری نے کیا وہ یہ تھا اس نے اپنے مقصد (فیکٹریوں میں مزدوروں کی

ضرورت) کے لئے عورتوں کو خاندان کی غلامی سے آزاد کروایا اور یوں بہت سی عورتوں نے فیکٹریوں کا رخ کیا۔ یہ صورت حال انڈسٹریل دور میں تمام دنیا کی طرح روس میں بھی تھی اور اسی قید سے آزادی نے عورتوں کو اپنے حقوق کے لیے لڑنا سکھایا اور شعور سے نوازا۔ انہوں نے اسی شعور کے نتیجے میں اپنے آپ کو ٹریڈ یونین میں اپنے اجتماعی مفادات حاصل کرنے کے لیے منظم کیا اور یوں خواتین جدوجہد کی ہر تحریک میں منظم انداز میں شریک ہونے لگیں۔

یہ حقیقت ہے کہ خواتین کے حقوق کےلئے تاریخ میں سب سے پہلے بورژوا خواتین نے اپنے آپ کو منظم کیا اور انکے لئے چند حقوق کا مطالبہ کیا جس میں ووٹ کے حق کے ساتھ ساتھ ملکیت میں بھی حقوق کے مطالبات شامل تھے۔ اپنے اس حق کے لئے انہوں نے بہت سی کانفرنسیں کیں۔ یہ خواتین عورتوں کی آزادی کی بات تو کر رہیں تھیں مگر یہ بورژوا خواتین سماجی حقوق کی تحریکوں میں صرف اپنے ہی مفادات کے لیے شامل ہوئی تھیں۔ انہیں باقی خواتین اور کام کرنے والی خواتین کے مفادات سے کوئی دلچسپی نہیں تھی۔ وہ صرف اپنے لیے چند سہولیات کا مطالبہ کر رہیں تھیں جبکہ کچھ فیمنسٹ عورتیں ایسی بھی تھیں جو سمجھتی تھیں کہ عورتوں کی آزادی محنت کش عورتوں کی آزادی سے جڑی ہوئی ہے۔ وہ خواتین کے صنفی مسائل کے ساتھ ساتھ محنت کش خواتین کے تمام مسائل کی بات کر رہیں تھیں اور وہ سمجھتی تھیں کہ عورتوں پر استحصال کی وجہ ذاتی ملکیت اور سماج میں موجود طبقات ہیں۔ وہ جینڈر کے مسائل کی ساتھ ساتھ چیزوں کو "استحصال کرنے والے اور استحصال سہنے والے" کی بنیادوں پر دیکھ رہیں تھیں۔ انہیں بعد میں مارکسسٹ فیمینسٹ کہا گیا۔ اور انہیں مارکسسٹ خواتین نے آگے چل کر دنیا کو بدلنے اور اپنا اہم کردار ادا کیا۔

روسی سماج قبائلی اور جاگیرداری تھا جہاں عورتوں کو تعلیم حاصل کرنے کا حق نہ تھا اور نہ ہی اسے باہر جانے اور کام کرنے کی اجازت تھی۔ روس میں صدیوں قدامت پسندی سرکاری مذہب کے طور پر رہی جس نے عورتوں کی آزادی کو ہر لمحہ اور ہر جگہ روکا کیونکہ چرچ کا عورتوں کی زندگی پر کنٹرول تھا جو مرد کو طاقت دیتی تھی کہ وہ چاہے تو عورت کو طلاق دے سکتا ہے مگر عورت طلاق کا مطالبہ نہیں کرسکتی اور نہ ہی باہر جانے کی آزادی تھی۔ عورتوں کو جائیداد میں بھی کوئی حق نہیں تھا اور نہ ہی انہیں اپنی مرضی سے گھر بدلنے یا ملک چھوڑنے کا اختیار حاصل تھا۔ اس کے ساتھ ساتھ نہ ہی ووٹ کا حق تھا۔ یہ وہ حالات تھے جن میں ان عورتوں نے کام کا آغاز کیا اور عورتوں کی تحریکیں منظم ہوئیں جس کا پہلا اظہار 1905ء میں نظر آیا جب سینکڑوں کی تعداد میں عورتیں اپنے کام کے اوقات کار کم کروانے اور اجرتوں میں اضافے کی بات کر رہیں تھیں اور ریلی کی صورت میں White Palace کی طرف بڑھ رہیں تھیں مگر اس مظاہرے کو زار کی فوجوں نے ناکام بنادیا۔ مگر 1905ء میں ہی بورژوا خواتین نے پہلی عورتوں کی کانفرنس بلائی جس میں انہوں نے اپنے ووٹ کے حق اور جائداد میں اپنے حق کے کا مطالبہ کیا۔ دوسری طرف مارکسسٹ خواتین نے تمام کام کرنے والی خواتین کے لیے ووٹ کے حق کا مطالبہ کیا اور استحصال کے خلاف وہ کام کرنے والوں کے اتحاد کی بات کر رہیں تھیں۔ جس کے بعد انہوں نے محنت کش خواتین میں کام کرنے کے لئے سوشل ڈیموکریٹک وومن کے نام سے بورژوا خواتین کے اثر کو کم کرنے کے لئے ایک تنظیم بنائی اور

خواتین کے ساتھ مختلف جگہوں پر میٹنگ کا آغاز کیا جس سے بورژوا خواتین خوف زدہ ہوئیں اور پھر انہوں نے 1908ء میں آل رشیا وومن کے کانگریس بلائی جس کے لئے مارکسسٹ خواتین نے اپنے کام کو مزید تیز کیا اور اس کانگریس کے لیے مختلف فیکٹریوں اور علاقوں سے اپنے نمائندے چنے۔ اس کانگریس میں خواتین محنت کش کی تعداد صرف 45 تھیں جبکہ 700 بورژوا طبقہ سے تعلق رکھنے والی خواتین اس کانگریس میں شریک ہوئیں۔ مگر ان 45 محنت کش خواتین نے اس کانگریس میں اپنے نظریات پھیلانے اور تمام خواتین کی حقوق کا مطالبہ ہر سیشن میں کیا اور اس کانگریس کے پلیٹ فارم کو اپنے مقصد کے لیے استعمال کیا جس میں کام کی جگہ تحفظ، ووٹ کا حق اور سیاست میں عورتوں کی شمولیت پر بات چیت ہوئی، یہی وہ وقت تھا جب واضح طور پر بورژوا خواتین کے مقاصد عیاں ہوئے۔ ان خواتین نے ذاتی ملکیت کے حق کے خلاف جدوجہد کی مخالفت کی یوں مارکسسٹ عورتوں اور بورژوا خواتین کے درمیان ایک واضح سمت کا تعین ہوا جس کے مطابق بورژوا مرد اور بورژوا خواتین محنت کشوں کے استحصال سے فائدہ اٹھاتے ہیں تو کس طرح وہ عام عورتوں کو ووٹ دینے کے حق کی حمایت کرسکتے ہیں؟ جبکہ مارکسسٹ خواتین عورت کی آزادی کو محنت کش عورتوں کی آزادی سے جدا کرکے نہیں دیکھ رہیں تھیں۔ ان کے مطابق کام کرنے والی عورتوں کی آزادی تمام عورتوں کی آزادی تھی۔ جس کے لیے انہوں نے اس کانگریس کے کئی سال پہلے کام شروع کردیا تھا اور 1907ء میں کام کرنے والی عورتوں کی باہمی امداد کے لیے ایک ایسوسی ایشن (Working women's Mutual Assistance Association) کی بنیاد ڈالی جس میں سب سے زیادہ ٹیکسٹائل کے شعبے میں کام والی خواتین تھیں جو سوشلزم کے نظریے کو عام لوگوں تک پھیلانے اور زیادہ سے زیادہ خواتین کو ٹریڈ یونین اور سیاست میں شامل کرنے کے لیے کام کررہیں تھیں اور مزید محنت کش خواتین کو اپنے ساتھ جوڑ رہیں تھیں۔

1910ء میں کوپن ہیگن میں دوسری سوشلسٹ عورتوں کی انٹرنیشنل کانفرنس میں کلارازاٹیکن نے universal suffrage کی بات، جو کہ انہوں نے 1907ء میں ہونے والی عورتوں کی پہلی انٹرنیشنل کانفرنس میں بھی کی تھی، کو آگے بڑھایا۔ ان کی مطابق ووٹ کا حق طبقوں کے خلاف جدوجہد کو مضبوط کرے گا اور کام کرنے والی خواتین کو اسمبلیوں تک لے کر جائے گا جس سے وہ حالات کو بہتر بناسکیں گیں۔ مگر اس کانفرنس میں آئی ہوئی دیگر ممالک کی خواتین نے universal suffrage کے حق کی مخالفت یہ کہہ کر کی کہ اسے صرف لوکل بنیادوں پر رکھا جائے اور کچھ نے یہ کہہ کر مخالفت کی کہ یہ حق صرف جائیداد رکھنے والی خواتین تک ہی محدود ہونا چاہیے۔ جبکہ کچھ عورتیں اس بات پر بحث کر رہیں تھے کہ یہ حق 30 یا 40 سال سے اوپر کی خواتین تک محدود کیا جائے۔ اس کی علاوہ اس کانفرنس میں خواتین کے عالمی دن کی حوالے سے بھی بات کی گئی اور اگلے سال ہی 1911ء میں پہلی بار خواتین کا عالمی دن منایا گیا جو جرمنی اور دیگر ممالک میں سوشلسٹ خواتین منانے میں کامیاب ہوئیں۔

روس میں یہ دن پہلی بار 28 فروری 1913ء میں منایا گیا۔ مگر اس وقت معاشی اور سیاسی بحران دیگر ممالک کی طرح روس میں بھی بڑی تیزی سے پھیلا۔ 1913ء میں پہلی جنگ عظیم کا آغاز ہوا اور یہی وہ موقع تھا جب دوسری انٹرنیشنل دو حصوں میں تقسیم ہوئی۔ ایک دھڑے نے پوری عوام کی خواہشات کے خلاف جاتے ہوئے

سامراجی جنگ کی حمایت کی اور اسے قومی جنگ قرار دے کر اپنے اپنے ملک کے بورژوا زیوں کا ساتھ دیا۔ جنگ کے مخالف بالشویک (اکثریت) اور جو جنگ کے حامی تھے وہ منشوک (اقلیت) کہلائے۔ اس کے ساتھ ہی یہی وہ زمانہ بھی تھا جب فیکٹریوں میں کام کرنے کے لیے مزید مزدوروں کی ضرورت پڑی جن میں سب سے زیادہ خواتین نے بھوک سے لڑنے کے لئے فیکٹریوں کا رخ کیا کیونکہ مردوں کو جنگ کی آگ میں جھونک دیا گیا تھا۔ روس میں جنگ کے خلاف مزاحمت میں بڑی تیزی آئی کیونکہ ایک کروڑ سے زیادہ کسانوں کو اس جنگ میں مجبوراً جانا پڑا۔ ڈیڑھ ملین لوگ مارے گئے اور چار ملین لوگ زخمی ہوئے۔ اس جنگ میں بھوک اور مہنگائی میں بڑی تیزی سے اضافہ ہوا اور شہر کھنڈرات میں تبدیل ہوگئے۔ خواتین کی حالت مزید بری ہوتی جارہی تھی۔ انہیں کھیتوں سے ہٹا کر فیکٹریوں میں ہفتے میں 10 گھنٹے روزانہ کام کروایا جاتا تھا۔ اپنی اس ساری بری اور پسماندہ صورت حال کا اظہار انہوں نے منظم ہوکر کیا۔ چونکہ فیکٹریوں میں خواتین کی تعداد میں تیزی سے اضافہ ہوا اور یہی چیز ان میں شعور اور بیداری کی وجہ بنی۔ انہوں نے اپنے آپ کو ٹریڈ یونین میں منظم کرنا شروع کیا اور امن کے لئے پہلی بار 1913ء مین خواتین کے عالمی دن پر ریلی نکلی۔ گو کہ یہ بہت بڑی نہیں تھی مگر اس ریلی نے اپنے حقوق کے لیے انہیں مزید نئین راہیں فراہم کیں۔

